رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ كَانُوْا مُسْلِمِيْنَ ۝٢

(٢) جن ماڻهن (هن ڪتاب جي سچائيءَ کان) انڪار ڪيو آهي سي ڪنهن وقت چاهيندا تہ هاءِ هاءِ! اسان مسلمان ٿيون ها (تہ ڪھڙو نہ چڱو ٿئي ها.)

ذَرْهُمْ يَاْكُلُوْا وَيَتَمَتَّعُوْا وَيُلْهِهِمُ الْاَمَلُ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ۝٣

(٣) (اي پيغمبر!) هنن کي سندن حال تي ڇڏي ڏي، ڀلي کائن پيئن ۽ عيش آرام وٺن ۽ (ڪوڙين) اميدن تي ڀليل رهن. پر اهو وقت پري ناهي جڏهن کين معلوم ٿي ويندو (تہ ڪھڙي نہ غلطيءَ ۾ گمراهہ ٿي ويا هئا.)

وَمَآ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ اِلَّا وَلَهَا كِتَابٌ مَّعْلُوْمٌ ۝٤

(٤) اسان ڪڏهن بہ ڪنهن بستيءَ جي رهاڪن کي تباهہ نہ ڪيو، پر هن طرح جو هڪ ڳالهہ ٺهرائي ويئي هئي (جا کين ٻڌائي بہ ويئي هئي سا اها تہ هي هڪ مقرر قانون هو تہ جڏهن ڪا حالت هن طرح جي ٿيندي ۽ هن حد تي پهچندي تڏهن اهڙو نتيجو ضرور نڪرندو.)

مَا تَسْبِقُ مِنْ اُمَّةٍ اَجَلَهَا وَمَا يَسْتَاْخِرُوْنَ ۝٥

(٥) ڪابہ امت نڪي پنهنجي وقت کان اڳتي وڌي سگهي ٿي، نڪي پٺتي رهي سگهي ٿي.

وَقَالُوْا يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْ نُزِّلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ اِنَّكَ لَمَجْنُوْنٌ ۝٦

(٦) ۽ (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن تو کي چيو تہ، اي انسان! جنهن تي (چيو وڃي ٿو تہ) نصيحت نازل ٿي آهي، تون (اسان جي خيال ۾) يقيناً ديوانو آهين.

لَوْ مَا تَاْتِيْنَا بِالْمَلٰٓئِكَةِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ۝٧

(٧) جيڪڏهن تون پنهنجي دعويٰ ۾ سچو آهين تہ ڇو نٿو فرشتا آڻي اسان کي ڏيکارين؟

مَا نُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ اِلَّا بِالْحَقِّ وَمَا كَانُوْٓا اِذًا مُّنْظَرِيْنَ ۝٨

(٨) (پر) اسان فرشتن کي اجايو بيسود ڪونہ نازل ڪندا آهيون. تڏهن نازل ڪندا آهيون جڏهن ڪا مصلحت هوندي آهي ۽ (جڏهن فرشتا نازل ڪنداسين) تڏهن کين (پاڻ کي سڌارڻ ۽ چڱن عملن ڪرڻ جي) مهلت ڪانہ ملندي، (اهو تہ فيصلي جو ڏينهن ٿيندو).

اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ۝٩

(٩) بيشڪ اسان پاڻ الذڪر (يعني قرآن، جو سراسر نصيحت آهي) نازل ڪيو آهي ۽ بيشڪ اسان پاڻ ان جا نگهبان آهيون.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ فِيْ شِيَعِ الْاَوَّلِيْنَ ۝١٠

(١٠) ۽ (اي پيغمبر!) هيءَ حقيقت آهي تہ اسان تو کان اڳي بہ گذري ويل قومن ڏي پيغمبر موڪليا هئا.

وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ۝١١

(١١) پر ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو جو ڪنهن قوم ڏي ڪو پيغمبر آيو هجي ۽ ماڻهن مٿس ٺٺوليون ۽ مسخريون نہ ڪيون هجن. (ائين اڳي بہ ٿيندو آيو آهي ۽ هاڻي بہ ٿئي ٿو پيو، تون مايوس نہ ٿيءُ).

كَذٰلِكَ نَسْلُكُهٗ فِيْ قُلُوْبِ الْمُجْرِمِيْنَ ۝١٢

(١٢) سو ڏسو تہ، اسان گنهگارن جي دلين ۾ (حق جي ڪلام جي مخالفت) ويهاري ٿا ڇڏيون (يعني اسان جو اهو قانون آهي تہ جيڪي

خودغرض ۽ تڪبر ڪندڙ انسان ظلم ڪندا تا رهن تن ۾ حق جي مخالفت بہ جمي پڪي ٿي وڃي ٿي).

لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَقَدْ خَلَتْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣﴾

(١٣) اهي ان تي ڪڏهن بہ ايمان ڪونہ آڻيندا. جيڪي ماڻهو اڳي گذري چڪا آهن، تن جو بہ اهڙوئي دستور هو.

وَلَوْ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَابًا مِّنَ السَّمَآءِ فَظَلُّوْا فِيْهِ يَعْرُجُوْنَ ﴿١٤﴾

(١٤) جيڪڏهن اسان هنن لاءِ آسمان جو هڪ دروازو کولي ڇڏيون ۽ اهي ماڻهو ڏينهن ڏٺي جو ان تي چڙهڻ لڳن تڏهن بہ هو ڪونہ مڃيندا.

لَقَالُوْٓا اِنَّمَا سُكِّرَتْ اَبْصَارُنَا بَلْ نَحْنُ قَوْمٌ مَّسْحُوْرُوْنَ ﴿١٥﴾

(١٥) هو چوڻ لڳندا تہ اسان جي اکين تي نشو چڙهي ويو آهي يا اسان تي جادو ڪيو ويو آهي.

## رڪوع 2

**فطرت ۾ ربوبيت، جمال ۽ رزاقيت ڏسي يقين ڪرڻ گهرجي تہ ضرور ڪو راحم رحيم خالق آهي، سندس نعمتن جو قدر ڪري سندس حڪمن ۽ قانونن تي هلڻ گهرجي.**

وَلَقَدْ جَعَلْنَا فِي السَّمَآءِ بُرُوْجًا وَّزَيَّنّٰهَا لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿١٦﴾

(١٦) ۽ ڏسو اسان ئي آسمان ۾ برج بنائي ڇڏيا آهن (يعني روشن تارا پيدا ڪيا آهن) ۽ اهي ڏسڻ وارن لاءِ سهڻا ڪيا اٿئون.

وَحَفِظْنٰهَا مِنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ رَّجِيْمٍ ﴿١٧﴾

(١٧) ۽ هرهڪ تڙيل لعنتي شيطان کان انهن جي اسان حفاظت ڪري ڇڏي آهي.

اِلَّا مَنِ اسْتَرَقَ السَّمْعَ فَاَتْبَعَهٗ شِهَابٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٨﴾

(١٨) سواءِ هن جي جو ڪوئي لڪي ڇپي ٻڌي وٺڻ چاهي، تنهن لاءِ وري هڪڙو چمڪندڙ شعلو آهي جو ان جي پٺيان پوي ٿو.

وَالْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَاَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْزُوْنٍ ﴿١٩﴾

(١٩) ۽ (ڏسو) اسان زمين (جو مٿاڇرو) پکيڙي ڇڏيو آهي، (يعني اهڙي بنائي آهي جو اوهان جي لاءِ وڇايل فرش وانگر آهي) ۽ ان ۾ جبل لڳائي ڇڏيا آهن. پڻ ان ۾ اسان جيتريون شيون (پوکون ميوا وغيره) ڄمايون آهن سي سڀ پوري وزن تي ڄمايون آهن.

وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا مَعَايِشَ وَمَنْ لَّسْتُمْ لَهٗ بِرٰزِقِيْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ اوهان جي لاءِ ان ۾ گذارن جو سڀ ساما اسان مهيا ڪري ڇڏيو آهي ۽ (انهن خلقيل جانورن لاءِ بہ مهيا ڪري ڇڏيو آهي) جن لاءِ توهان روزي مهيا ڪرڻ وارا هرگز ناهيو.

وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا عِنْدَنَا خَزَآئِنُهٗ وَمَا نُنَزِّلُهٗٓ اِلَّا بِقَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ (ڏسو) ڪابہ شيءِ اهڙي ڪانهي جنهن جو ذخيرو اسان وٽ نہ هجي، پر اسان انهن شين کي هڪ مناسب انداز ۾ موڪليون ٿا.

وَاَرْسَلْنَا الرِّيٰحَ لَوَاقِحَ فَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَسْقَيْنٰكُمُوْهُ وَمَآ اَنْتُمْ لَهٗ بِخٰزِنِيْنَ ﴿٢٢﴾

(٢٢) ۽ (ڏسو) اسان ئي هوائون لڳايون ٿا جي (پاڻيءَ جي ڦڙن سان) ڀريل آهن. پوءِ آسمان مان پاڻي وسايون ٿا ۽ اهو اوهان کي پيئڻ جي ڪم اچي ٿو ۽ اهو پاڻي ڪو اوهان گڏ ڪري ڪونہ رکيو آهي. (اسان ئي سمنڊ ۾

گڏ ڪري رکيو آهي، جتان گرميءَ سبب ٻاڦ تي چڙهي تو ۽ هوائون ان کي ڪٽي زمين تي وجي وسائين ٿيون).

وَاِنَّا لَنَحْنُ نُحْيٖ وَنُمِيْتُ وَنَحْنُ الْوٰرِثُوْنَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) ۽ اسان ئي آهيون جو جيئاريون ٿا ۽ ماريون ٿا ۽ اسان جي قبضي ۾ سيني جي ڪمائي اچي ٿي.

وَلَقَدْ عَلِمْنَا الْمُسْتَقْدِمِيْنَ مِنْكُمْ وَلَقَدْ عَلِمْنَا الْمُسْتَاْخِرِيْنَ ﴿٢٤﴾

(٢٤) ۽ بلاشبهه اسان انهن ماڻهن کي به ڄاڻون ٿا جيڪي توهان کان اڳي اچڻ وارا هئا ۽ انهن کي به ڄاڻون ٿا جيڪي پوءِ اچڻ وارا آهن.

وَاِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَحْشُرُهُمْ ؕ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٥﴾

(٢٥) ۽ (اي پيغمبر!) اهو تنهنجي پروردگار ئي آهي جو انهن سيني کي (قيامت جي ڏينهن پنهنجي اڳيان) گڏ ڪري آڻيندو، هو حڪمت وارو ۽ علم وارو آهي.

رڪوع 3

**ابليس فقط انهن کي برغلائي سگهي ٿو، جيڪي خدا جي فرمانبرداري نٿا ڪن**

وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٢٦﴾

(٢٦) ۽ بيشڪ هيءَ حقيقت آهي ته اسان انسان کي خمير اٿيل گاري مان ٺاهيو جو سڪڻ بعد وڄندو آهي.

وَالْجَآنَّ خَلَقْنٰهُ مِنْ قَبْلُ مِنْ نَّارِ السَّمُوْمِ ﴿٢٧﴾

(٢٧) ۽ اسان جنن کي اڳ ۾ ئي ٻرندڙ هوا جي گرميءَ مان پيدا ڪيو هو.

وَاِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٢٨﴾

(٢٨) ۽ (اي پيغمبر! ياد رک ته) تنهنجي پروردگار فرشتن کي چيو هو ته، مان خمير ٿيل گار مان، جو سڪڻ بعد وڄندو آهي، هڪ بشر پيدا ڪرڻ وارو آهيان (يعني انسانن کي جلد پيدا ڪندس).

فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) سو جڏهن (هيئن ٿئي جو) مان ان کي درست ڪري ڇڏيان (يعني جڏهن اهو وجود ٺيڪ بنجي وڃي) ان ۾ مان پنهنجو روح ڦوڪيان تڏهن توهان سڀ هن جي اڳيان سجدو ڪجو.

فَسَجَدَ الْمَلٰٓئِكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ ﴿٣٠﴾

(٣٠) پوءِ سڀ فرشتا هن جي اڳيان سجدي ۾ ڪري پيا.

اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ﴿٣١﴾

(٣١) پوءِ ابليس سجدو نه ڪيو، هن کي اها ڳالهه ڏکي لڳي ته سجدي ڪندڙن سان شامل هجان.

قَالَ يٰٓاِبْلِيْسُ مَا لَكَ اَلَّا تَكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ﴿٣٢﴾

(٣٢) الله تعاليٰ فرمايو ته، اي ابليس! توکي ڇا ٿيو جو تون سجدي ڪندڙن سان شامل نه ٿئين؟

قَالَ لَمْ اَكُنْ لِّاَسْجُدَ لِبَشَرٍ خَلَقْتَهٗ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٣٣﴾

(٣٣) هن چيو ته، مون کان ائين ٿي نٿو سگهي ته اهڙي بشر کي سجدو ڪيان جهن کي تو خمير ٿيل گاري مان ٺاهيو آهي، جو سڪڻ بعد وڄڻ لڳي ٿو.

قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا فَاِنَّكَ رَجِيْمٌ ﴿٣٤﴾

(٣٤) حڪم ٿيو ته، جيڪڏهن ائين آهي ته هتان نڪري وڃ جو تون ترڙيل ٿئين.

وَّ اِنَّ عَلَيۡكَ اللَّعۡنَةَ اِلٰى يَوۡمِ الدِّيۡنِ ﴿۳۵﴾

(۳۵) ۽ جزا ۽ سزا جي ڏينهن تائين توتي لعنت پئي.

قَالَ رَبِّ فَاَنۡظِرۡنِىۡۤ اِلٰى يَوۡمِ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿۳۶﴾

(۳٦) هن چيو ته اي خدا مون کي انهيءَ ڏينهن تائين مهلت ڏي جنهن ڏينهن انسانن کي (ٻيهر) اٿاريو ويندو.

قَالَ فَاِنَّكَ مِنَ الۡمُنۡظَرِيۡنَ ﴿۳۷﴾ اِلٰى يَوۡمِ الۡوَقۡتِ الۡمَعۡلُوۡمِ ﴿۳۸﴾

(۳۷ ۽۳۸) خدا تعالي! فرمايو ته هائو توکي ان مقرر وقت جي ڏينهن تائين مهلت ڏجي ٿي.

قَالَ رَبِّ بِمَاۤ اَغۡوَيۡتَنِىۡ لَاُزَيِّنَنَّ لَهُمۡ فِى الۡاَرۡضِ وَ لَاُغۡوِيَنَّهُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿۳۹﴾

(۳۹) هن چيو ته اي خدا جيئن ته تو منهنجي لاءِ (چوٽڪاري ۽ سعادت جي) واٽ بند ڪري ڇڏي آهي، تنهن ڪري هاڻي مان ضرور هيئن ڪندس جو زمين ۾ انهن (ماڻهن) جي لاءِ (ڪوڙيون) زينتون بنائيندس (جن جي پٺيان لڳي هو بڇڙا ڪم ڪندا) ۽ (حق جي راهه کان) ڪين گمراهه ڪندس.

اِلَّا عِبَادَكَ مِنۡهُمُ الۡمُخۡلَصِيۡنَ ﴿۴۰﴾

(٤٠) پر انهن ۾ جيڪي تنهنجا سچا مخلص ٻانها هوندا (مان ڄاڻان ٿو ته) منهنجي برغلائڻ جي ڄار ۾ نه ڦاسندا.

قَالَ هٰذَا صِرَاطٌ عَلَىَّ مُسۡتَقِيۡمٌ ﴿۴۱﴾

(٤١) (الله تعاليٰ) فرمايو ته بس اهائي سڌي راهه آهي جا مون وٽ پهچائڻ واري آهي.

اِنَّ عِبَادِىۡ لَـيۡسَ لَكَ عَلَيۡهِمۡ سُلۡطٰنٌ اِلَّا مَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الۡغٰوِيۡنَ ﴿۴۲﴾

(٤٢) بيشڪ جيڪي منهنجا (مخلص) ٻانها آهن، تن تي تنهنجو ڪجهه به زور نه هلندو، فقط انهن تي تنهنجو زور هلندو جيڪي (خدا جي ٻانهپ واري) راهه کان نڪري گمراهه ٿي تنهنجي پٺيان لڳندا.

وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمَوۡعِدُهُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿۴۳﴾

(٤٣) ۽ انهن سڀني جي لاءِ جهنم جي عذاب جو واعدو آهي (جو ڪڏهن به ٽرڻ وارو ناهي.)

لَهَا سَبۡعَةُ اَبۡوَابٍؕ لِكُلِّ بَابٍ مِّنۡهُمۡ جُزۡءٌ مَّقۡسُوۡمٌ ﴿۴۴﴾

(٤٤) ان جهنم کي ست دروازا آهن. انهن (دوزخين) جي هر هڪ ٽوليءَ جي حصي ۾ هڪ دروازو ايندو (جنهن مان لنگهي جهنم ۾ داخل ٿيندا.)

رڪوع 4

**متقي انسان هميشه باغن جي نعمتن ۾ رهندا. اتي ڪنهن به قسم جو صدمو ڪين ڇهي به نه سگهندو.**

اِنَّ الۡمُتَّقِيۡنَ فِىۡ جَنّٰتٍ وَّعُيُوۡنٍؕ ﴿۴۵﴾

(٤٥) بيشڪ متقي (پرهيزگار) انسان (انهيءَ ڏينهن) باغن ۽ چشمن (جي عيش ۽ راحت) ۾ هوندا.

اُدۡخُلُوۡهَا بِسَلٰمٍ اٰمِنِيۡنَ ﴿۴۶﴾

(٤٦) (انهن کي چيو ويندو ته) سلامتيءَ سان بي کٽڪي انهن باغن ۾ داخل ٿي وڃو.

وَنَزَعۡنَا مَا فِىۡ صُدُوۡرِهِمۡ مِّنۡ غِلٍّ اِخۡوَانًا عَلٰى سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِيۡنَ ﴿۴۷﴾

(٤٧) انهن جي دلين ۾ جيڪي به (هڪبئي سان) رنجشون هيون سي سڀ اسان ڪيي ڇڏيداسين، اهي ڀائرن وانگر هڪ ٻئي جي سامهون تختن تي ويٺل هوندا (تختا نه تخت).

لَا يَمَسُّهُمْ فِيْهَا نَصَبٌ وَّمَا هُمْ مِّنْهَا بِمُخْرَجِيْنَ ﴿٤٨﴾

(٤٨) اتي ڪنهن بہ طرح جو صدمو انهن کي ڇهي بہ نہ سگهندو، نڪي اتان ڪڍهن بہ ڪڍيا ويندا.

نَبِّئْ عِبَادِيْٓ اَنِّيْٓ اَنَا الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿٤٩﴾

(٤٩) (اي پيغمبر!) منهنجي ٻانهن کي خبر ڏيئي ڇڏ تہ بيشڪ مان ئي آهيان جو بخشڻ وارو ۽ رحم وارو آهيان.

وَاَنَّ عَذَابِيْ هُوَ الْعَذَابُ الْاَلِيْمُ ﴿٥٠﴾

(٥٠) ۽ بيشڪ منهنجو عذاب وڏو دردناڪ عذاب ٿيندو آهي.

وَنَبِّئْهُمْ عَنْ ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ ﴿٥١﴾

(٥١) ۽ کين حضرت ابراهيم جي مهمانن واري ڳالھ بہ ٻڌائي ڇڏ.

اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًا ۭ قَالَ اِنَّا مِنْكُمْ وَجِلُوْنَ ﴿٥٢﴾

(٥٢) جڏهن اهي مهمان هن وٽ آيا تڏهن چيائون تہ توتي سلامتي هجي. حضرت ابراهيم چيو تہ اسان کي توهان بابت انديشو آهي (تہ توهان الاجي ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهيو).

قَالُوْا لَا تَوْجَلْ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمٍ عَلِيْمٍ ﴿٥٣﴾

(٥٣) هنن چيو تہ ڊڄو نہ اسان تہ اوهان کي هڪ علم واري فرزند جي ڄمڻ جي خوشخبري ٿا ٻڌايون.

قَالَ اَبَشَّرْتُمُوْنِيْ عَلٰٓي اَنْ مَّسَّنِيَ الْكِبَرُ فَبِمَ تُبَشِّرُوْنَ ﴿٥٤﴾

(٥٤) حضرت ابراهيم چيو تہ مون کي هن ڳالھ جي خوشخبري ٿا ڏيو جڏهن مون تي پوڙهائي اچي چڪي آهي. ڪهڙي اميد هاڻي رهي آهي جو هيءَ خوشخبري مونکي ٻڌايَو.

قَالُوْا بَشَّرْنٰكَ بِالْحَقِّ فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْقٰنِطِيْنَ ﴿٥٥﴾

(٥٥) هنن چيو تہ اسان توکي سچائي سان خوشخبري ٻڌائي آهي، پوءِ توکي نا اميد نہ ٿيڻ گهرجي.

قَالَ وَمَنْ يَّقْنَطُ مِنْ رَّحْمَةِ رَبِّهٖٓ اِلَّا الضَّاۗلُّوْنَ ﴿٥٦﴾

(٥٦) حضرت ابراهيم چيو تہ (مان الله جي رحمت کان نا اميد ڪونہ آهيان ڇو تہ) گمراهن کان سواءِ ڪير آهي، جو پنهنجي پروردگار جي رحمت کان مايوس ٿي سگهي ٿو.

قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٥٧﴾

(٥٧) وري هن پڇيو تہ توهان ڇو موڪليا ويا آهيو؟ سو اوهان کي (ٻيو) ڪهڙو ڪم درپيش آهي؟

قَالُوْٓا اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٥٨﴾

(٥٨) هنن چيو تہ اسان هڪ گنهگار قوم جي طرف موڪليا ويا آهي، (جي تباھ ٿيڻ وارا آهن).

اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ ۭ اِنَّا لَمُنَجُّوْهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٥٩﴾

(٥٩) پر هڪ خاندان اتي حَضرت لوط جو آهي ان خاندان جي سڀني ياتين کي اسان بچائي وٺنداسين.

اِلَّا امْرَاَتَهٗ قَدَّرْنَآ ۙ اِنَّهَا لَمِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٦٠﴾

(٦٠) پر سندس زال نہ بچندي. هن جي لاءِ اسان جو اندازو ٿي چڪو آهي تہ هوءَ پٺتي رهندڙن سان شامل ٿيندي.

## رڪوع 5

**حضرت لوط جي قوم ۽ مدين جي قبيلي جي تباهي.**

فَلَمَّا جَآءَ اٰلَ لُوۡطِ ۨالۡمُرۡسَلُوۡنَ ﴿٦١﴾

(٦١) پوءِ جڏهن اهي موڪليل (فرشتا) حضرت لوط جي خاندان وٽ آيا.

قَالَ اِنَّكُمۡ قَوۡمٌ مُّنۡكَرُوۡنَ ﴿٦٢﴾

(٦٢) تڏهن حضرت لوط کين چيو ته توهان ته ڪي ڌاريا ماڻهو ٿا ڏسجو.

قَالُوۡا بَلۡ جِئۡنٰكَ بِمَا كَانُوۡا فِيۡهِ يَمۡتَرُوۡنَ ﴿٦٣﴾

(٦٣) هنن چيو ته اها ڳالهه ناهي، بلڪ اسان تو وٽ اها ڳالهه کڻي آيا آهيون جنهن بابت ماڻهو شڪ آڻيندا هئا (يعني تباهيءَ جي خبر، جنهن تباهيءَ بابت هي ماڻهو مسخريون ڪندا هئا).

وَاَتَيۡنٰكَ بِالۡحَـقِّ وَاِنَّا لَصٰدِقُوۡنَ ﴿٦٤﴾

(٦٤) اسان جو اچڻ هڪڙي حق جي ڳالهه لاءِ آهي ۽ اسان بيشڪ سچي ڳالهه ٿا ٻڌايون.

فَاَسۡرِ بِاَهۡلِكَ بِقِطۡعٍ مِّنَ الَّيۡلِ وَاتَّبِعۡ اَدۡبَارَهُمۡ وَلَا يَلۡتَفِتۡ مِنۡكُمۡ اَحَدٌ وَّامۡضُوۡا حَيۡثُ تُؤۡمَرُوۡنَ ﴿٦٥﴾

(٦٥) پوءِ گهر جي ته جڏهن ڪجهه رات اچا رهيل هجي تڏهن پنهنجي گهر جي ماڻهن سان گڏ نڪري هليو وڃ، تون هنن جي پٺيان ٿي هلجانءِ ۽ هن ڳالهه جو خيال رکجانءِ ته ڪو به مڙي پٺئين پاسي نه نهاري. جاڏي وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، تاڏي (رخ رکي) هلندا وڃن.

وَقَضَيۡنَاۤ اِلَيۡهِ ذٰلِكَ الۡاَمۡرَ اَنَّ دَابِرَ هٰٓؤُلَاۤءِ مَقۡطُوۡعٌ مُّصۡبِحِيۡنَ ﴿٦٦﴾

(٦٦) مطلب ته اسان لوط کي هيءَ حقيقت چٽي ڪري ٻڌائي ته (تباهي اچڻي آهي ۽) شهر جي ماڻهن جي پاڙ، صبح ٿيندي ئي پٽجڻ واري آهي.

وَجَآءَ اَهۡلُ الۡمَدِيۡنَةِ يَسۡتَبۡشِرُوۡنَ ﴿٦٧﴾

(٦٧) ۽ (انهيءَ سچ ۾ چا ٿيو جو) شهر جا ماڻهو خوشيون ملهائيندا اتي پهچي ويا.

قَالَ اِنَّ هٰٓؤُلَاۤءِ ضَيۡفِىۡ فَلَا تَفۡضَحُوۡنِ ۙ﴿٦٨﴾

(٦٨) حضرت لوط کين چيو ته ڏسو هي (نوان ماڻهو) منهنجا مهمان آهن سو منهنجي بي عزتي نه ڪيو.

وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا تُخۡزُوۡنِ ﴿٦٩﴾

(٦٩) خدا کان ڊڄو ۽ مون کي شرمسار نه ڪيو.

قَالُوۡۤا اَوَلَمۡ نَنۡهَكَ عَنِ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٧٠﴾

(٧٠) هنن چيو ته اسان توکي هن ڳالهه کان جهلي ڪين ڇڏيو هو ته ڪنهن به قوم جي ماڻهن کي پاڻ وٽ نه رهاءِ؟ (جيڪڏهن رهائيندين ته پوءِ جيڪي اسان کي وڻندو سو ڪري گذرنداسين.)

قَالَ هٰٓؤُلَاۤءِ بَنٰتِىۡۤ اِنۡ كُنۡتُمۡ فٰعِلِيۡنَ ؕ﴿٧١﴾

(٧١) حضرت لوط فرمايو ته جيڪڏهن ائين ئي آهي ته ڏسو هي منهنجون (جو) نياڻيون آهن (يعني شهر جون عورتون جن جي طرف هو ڌيان ڪونه ڏيندا هئا، انهن جي طرف رجوع ٿيو ۽ انهن سان شاديون ڪيو) جيڪڏهن توهان کي ڪجهه ڪرڻو آهي.

لَعَمۡرُكَ اِنَّهُمۡ لَفِىۡ سَكۡرَتِهِمۡ يَعۡمَهُوۡنَ ﴿٧٢﴾

(٧٢) (تڏهن فرشتن حضرت لوط کي چيو ته) تنهنجي زندگيءَ جو قسم! هي ماڻهو ته پنهنجي بدمستين ۾ انڌا ٿي گمراه ٿي ويا آهن (تنهنجون ڳالهيون ڪڏهن به ڪين مڃيندا).

فَاَخَذَتۡهُمُ الصَّيۡحَةُ مُشۡرِقِيۡنَ ۙ ﴿٧٣﴾

(٧٣) مطلب تہ سج نڪرندي ئي هڪ خوفناڪ آواز اچي مٿن ڪڙڪيو.

فَجَعَلۡنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَ اَمۡطَرۡنَا عَلَيۡهِمۡ حِجَارَةً مِّنۡ سِجِّيۡلٍ ؕ ﴿٧٤﴾

(٧٤) پوءِ اسان ان بستيءَ کي زيروزبر ڪري تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ انهن ماڻهن تي پڪل مٽيءَ جي پٿرن جي برسات وسائي.

اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلۡمُتَوَسِّمِيۡنَ ﴿٧٥﴾

(٧٥) بيشڪ هن واقعي ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڏيون نشانيون آهن، جيڪي (حقيقت جي) ڄاڻ سڃاڻ رکڻ وارا آهن.

وَاِنَّهَا لَبِسَبِيۡلٍ مُّقِيۡمٍ ﴿٧٦﴾

(٧٦) ۽ (لوط جي قوم جي) هيءَ بستي (ڪنهن نامعلوم ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪانہ هئي، اها تہ) اهڙي شاهي رستي تي آهي جنهن تي آمدورفت جو سلسلو (هاڻي بہ) قائم آهي (۽ اوهان پنهنجي اکين سان اهي پٿر ۽ ڪنڊر ڏسي سگهو ٿا.)

اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ؕ ﴿٧٧﴾

(٧٧) بيشڪ هن (واقعي) ۾ ايمان وارن لاءِ هڪ وڏي نشاني آهي.

وَاِنۡ كَانَ اَصۡحٰبُ الۡاَيۡكَةِ لَظٰلِمِيۡنَ ۙ ﴿٧٨﴾

(٧٨) ۽ (ساڳيءَ طرح) گهاٽي جهنگل جا رهاڪو (يعني مدين جي قبيلي جا ماڻهو) وڏا ظالم هئا.

فَانْتَقَمۡنَا مِنۡهُمۡ‌ۘ وَاِنَّهُمَا لَبِاِمَامٍ مُّبِيۡنٍ ؕ ﴿٧٩﴾

(٧٩) انهن کي بہ اسان (ظلم ۽ سرڪشيءَ جي) سزا ڏني ۽ اهي ٻئي بستيون (يعني لوط جي قوم جي ۽ مدين جي قبيلي جي) شاهي رستي تي سيني کي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

## رڪوع 6

### مسلمانو! مخالفن جي مخالفتن کان سهڻي نموني درگذر ڪيو

وَلَقَدۡ كَذَّبَ اَصۡحٰبُ الۡحِجۡرِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ۙ ﴿٨٠﴾

(٨٠) ۽ ڏسو حجر جي ماڻهن بہ رسولن جي ڳالهہ نہ مڃي.

وَاٰتَيۡنٰهُمۡ اٰيٰتِنَا فَكَانُوۡا عَنۡهَا مُعۡرِضِيۡنَ ۙ ﴿٨١﴾

(٨١) اسان کين پنهنجيون نشانيون ڏيکاريون، پر هو انهن کان منهن موڙيندا رهيا.

وَكَانُوۡا يَنۡحِتُوۡنَ مِنَ الۡجِبَالِ بُيُوۡتًا اٰمِنِيۡنَ ﴿٨٢﴾

(٨٢) هو جبلن کي تراشي گهر ٺاهيندا هئا، انهيءَ لاءِ تہ محفوظ (سلامت) رهن.

فَاَخَذَتۡهُمُ الصَّيۡحَةُ مُصۡبِحِيۡنَ ۙ ﴿٨٣﴾

(٨٣) (پر اهي حفاظتون کين ڪم نہ آيون) هڪ ڏينهن صبح جو اٿيا تہ سندن هڪ خوفناڪ آواز اچي پڪڙ ڪئي.

فَمَاۤ اَغۡنٰى عَنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا يَكۡسِبُوۡنَ ؕ ﴿٨٤﴾

(٨٤) ۽ جيڪي جيڪي هنن (پنهنجي ڪوشش ۽ عملن سان) ڪمايو هو سو هنن جي ڪجهہ بہ ڪم نہ آيو.

وَمَا خَلَقۡنَا السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ وَمَا بَيۡنَهُمَاۤ اِلَّا بِالۡحَقِّ‌ ؕ وَاِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ‌ فَاصۡفَحِ الصَّفۡحَ الۡجَمِيۡلَ ﴿٨٥﴾

(٨٥) ۽ اسان آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي بہ انهن جي وچ ۾ آهي تنهن کي ڪنهن مصلحت سان بڻايو آهي (نہ ڪي اجايو بي مقصد) ۽ يقيناً مقرر وقت اچڻ وارو آهي. پوءِ (اي پيغمبر! مخالفن جي مخالفتن کي) درگذر ڪر ۽ سهڻي نموني ۾ درگذر ڪر.

اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الْخَلّٰقُ الْعَلِيْمُ ۝٨٦

(٨٦) بيشڪ تنهنجو پروردگار ئي آهي جو (سيني جو) پيدا ڪندڙ ۽ (سيني جي حالت) ڄاڻندڙ آهي.

وَلَقَدْ اٰتَيْنٰكَ سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِيْ وَالْقُرْاٰنَ الْعَظِيْمَ ۝٨٧

(٨٧) ۽ بيشڪ اسان توکي وري وري پڙهڻ وارين آيتن مان ستن آيتن واري سورة عطا فرمائي آهي. (يعني سورت فاتحه) ۽ قرآن عظيم عطا فرمايو آهي.

لَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖۤ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ ۝٨٨

(٨٨) ۽ هي جو اسان انهن (ڪافرن) منجهان گهڻن ئي قسمن جي ماڻهن کي (زندگيءَ جي فائدن مان) حصيدار ڪيو آهي، تن ڏي تون (ريس جي نظر سان) نہ نهار. نڪي سندن (انڪار ۽ شرارتن جي) حالت تي غم ۽ افسوس ڪر. تون مؤمنن جي لاءِ پنهنجون ٻانهون ڏکيون ڪر (يعني ساڻن محبت رک ۽ انهن جي طرف متوجہ ٿيءُ).

وَقُلْ اِنِّيْۤ اَنَا النَّذِيْرُ الْمُبِيْنُ ۝٨٩

(٨٩) ۽ اعلان ڪر تہ مان (انڪار ۽ بدعملن جي نتيجن ڪان) خبردار ڪندڙ آهيان، کليو ڪلايو چتائيءَ سان خبردار ڪندڙ آهيان.

كَمَاۤ اَنْزَلْنَا عَلَى الْمُقْتَسِمِيْنَ ۝٩٠

(٩٠) (اي پيغمبر!) اسان اهڙي ئي طرح هيءُ ڪلام توتي نازل ڪيو آهي) جهڙيءَ طرح انهن ماڻهن تي نازل ڪيو هوسين، جن (حق جي دين جا) ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا آهن.

الَّذِيْنَ جَعَلُوا الْقُرْاٰنَ عِضِيْنَ ۝٩١

(٩١) ۽ پنهنجي قرآن کي ڀاڱا ڀاڱا ڪري ڇڏيو آهي.

فَوَرَبِّكَ لَنَسْـَٔلَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ۝٩٢ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝٩٣

(٩٢ ۽ ٩٣) ۽ ڏسو توهان جو پروردگار شاهد آهي، تہ هنن سيني کان ضرور سندن ڪمن جو پڇاڻو ٿيندو.

فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ ۝٩٤

(٩٤) پوءِ جيڪو حڪم توکي ڏنو ويو آهي سو ماڻهن لاءِ ظاهر ڪر ۽ کين کليو ڪلايو ٻڌاءِ ۽ مشرڪن جي پرواهہ نہ ڪر.

اِنَّا كَفَيْنٰكَ الْمُسْتَهْزِءِيْنَ ۝٩٥

(٩٥) هنن ٺٺوليون ڪندڙن جي خلاف اسان تنهنجي لاءِ ڪافي (مددگار) آهيون.

الَّذِيْنَ يَجْعَلُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ۝٩٦

(٩٦) (اهي ٺٺوليون ڪندڙ جيڪي) الله سان گڏ ٻين هستين کي بہ معبود بنائين ٿا سي جلد ئي معلوم ڪندا (تہ سچي حقيقت ڇا هئي).

وَلَقَدْ نَعْلَمُ اَنَّكَ يَضِيْقُ صَدْرُكَ بِمَا يَقُوْلُوْنَ ۝٩٧

(٩٧) ۽ بيشڪ اسان کي چڱيءَ طرح معلوم آهي تہ هنن ماڻهن جي ڳالهين مان تنهنجي دل کي صدمو پهچي ٿو.

فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَكُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ۝٩٨

(٩٨) سو تون (ڪائنن بي پرواهہ رهي) پنهنجي پروردگار جي حمد و ثنا ڪر ۽ سندس حضور ۾ سجدو ڪندو رهہ.

وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ ۝٩٩

(٩٩) سندس ٻانهپ (۽ حڪمن جي فرمانبرداريءَ) ۾ لڳو رهہ، جيستائين يقين تنهنجي اڳيان اچي وڃي.

## سورت نحل ـ (نحل معنيٰ ماکيءَ جي مک) مکي

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

رکوع 1

**جيکو خالق توهان جي جسماني ضرورتن لاءِ سڀ ڪجهه مهيا ڪري ٿو سو توهان جي رهنمائي لاءِ وحي موڪلي ته اها سندس رحمت جي تقاضا آهي.**

اَتٰۤی اَمۡرُ اللّٰہِ فَلَا تَسۡتَعۡجِلُوۡہُ ؕ سُبۡحٰنَہٗ وَ تَعٰلٰی عَمَّا یُشۡرِکُوۡنَ ①

(١) الله جو حڪم ڄاڻو ته پهچي ويو. پوءِ ان جي لاءِ تڪڙ نه مچايو. (۽ انتظار ڪريو) الله جي ذات انهن ڳالهين کان پاڪ ۽ بلند آهي جيڪي شرڪ جون ڳالهيون، اهي ماڻهو ڪري رهيا آهن.

یُنَزِّلُ الۡمَلٰٓئِکَۃَ بِالرُّوۡحِ مِنۡ اَمۡرِہٖ عَلٰی مَنۡ یَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِہٖۤ اَنۡ اَنۡذِرُوۡۤا اَنَّہٗ لَاۤ اِلٰہَ اِلَّاۤ اَنَا فَاتَّقُوۡنِ ②

(٢) هو (الله تعاليٰ) پنهنجي بندن مان جنهن کي چاهي ٿو تنهن ڏانهن پنهنجي حڪم سان فرشتن کي الروح (يعني وحي) سان موڪلي ٿو. انهيءَ لاءِ ته ماڻهن کي هن حقيقت بابت خبردار ڪري ته مون الله کان سواءِ ڪوبه معبود ڪونهي تنهن ڪري مون کان ڊڄو (۽ انڪار ۽ بدعمليءَ کان باز اچو.)

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ بِالۡحَقِّ ؕ تَعٰلٰی عَمَّا یُشۡرِکُوۡنَ ③

(٣) هن آسمان ۽ زمين جو هيءُ سڄو ڪارخانو تدبير ۽ مصلحت سان بنايو آهي (نه اجايو بي سود ۽ بي مقصد) سندس ذات هن ڳالهه کان (پاڪ ۽) بلند آهي جا شرڪ جي ڳالهه هي ماڻهو ڪري رهيا آهن.

خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ مِنۡ نُّطۡفَۃٍ فَاِذَا ہُوَ خَصِیۡمٌ مُّبِیۡنٌ ④

(٤) هن انسان کي نطفي (جي هڪ ڦڙي) مان پيدا ڪيو، پوءِ ڏسو هو هڪ بحث ڪرڻ وارو ۽ اپرندڙ وجود ٿي پيو.

وَ الۡاَنۡعَامَ خَلَقَہَا ۚ لَکُمۡ فِیۡہَا دِفۡءٌ وَّ مَنَافِعُ وَ مِنۡہَا تَاۡکُلُوۡنَ ۪⑤

(٥) ۽ (ڏسو) هن چوپايا جانور (ڍور ڍڳا) پيدا ڪيا آهن، انهن مان (يعني انهن جي کل ۽ پشم مان) اوهان جي لاءِ گرم رکڻ واري پوشاڪ تهي ٿي ۽ پڻ اوهان کي انهن جانورن مان گهڻائي ٻيا فائدا ملن ٿا ۽ انهن ۾ اهڙا جانور به آهن جن جو گوشت توهان کائو ٿا.

وَ لَکُمۡ فِیۡہَا جَمَالٌ حِیۡنَ تُرِیۡحُوۡنَ وَ حِیۡنَ تَسۡرَحُوۡنَ ۪⑥

(٦) ۽ (ڏسو ته) انهن ۾ توهان جي اکين لاءِ کهڙي نه سونهن ۽ سهڻائي رکيل آهي، جڏهن توهان شام جي وقت انهن کا (چارڻ بعد) موٽائي گهر آڻيو ٿا ۽ جڏهن صبح جو (چراگاهه ڏانهن) وٺي وڃو ٿا (تڏهن انهن جو نظارو توهان کي کهڙو نه سهڻو ۽ وڻندڙ لڳي ٿو).

وَ تَحۡمِلُ اَثۡقَالَکُمۡ اِلٰی بَلَدٍ لَّمۡ تَکُوۡنُوۡا بٰلِغِیۡہِ اِلَّا بِشِقِّ الۡاَنۡفُسِ ؕ اِنَّ رَبَّکُمۡ لَرَءُوۡفٌ رَّحِیۡمٌ ۙ⑦

(٧) ۽ (وري ڏسو ته) اهي ئي جانور آهن جي توهان جا (واپار ۽ سامان جا) بار اهڙن (پري وارن) شهرن تائين کڻي وڃن ٿا جن تائين توهان وڏي سخت تڪليف کان سواءِ پهچي نٿا سگهو. بيشڪ توهان جو پروردگار وڏو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وَّالْخَيْلَ وَالْبِغَالَ وَالْحَمِيْرَ لِتَرْكَبُوْهَا وَزِيْنَةً ۭ وَيَخْلُقُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ⑧

(٨) ۽ (ڏسو) هن گهوڙا، خچر ۽ گڏهه پيدا ڪيا آهن ته توهان انهن ڪان سواريءَ جو ڪم وٺو ۽ انهن ۾ سونهن ۽ رونق به آهي ۽ هو ٻيون به گهڻيون ئي شيون پيدا ڪري ٿو جن جي توهان ڪي خبر ئي ڪانهي.

وَعَلَى اللّٰهِ قَصْدُ السَّبِيْلِ وَمِنْهَا جَاۗىِٕرٌ ۭ وَلَوْ شَاۗءَ لَهَدٰىكُمْ اَجْمَعِيْنَ ⑨

(٩) ۽ هي الله جو ڪم آهي ته حق جي واٽ چٽي ڪري ڏيکاري. ۽ واٽن ۾ ڏنگيون ڦڏيون واٽون به آهن. جيڪڏهن هو چاهي ها ته توهان سڀني کي (هڪ ئي) واٽ تي هلائي ها (۽ مختلف واٽون هتي پيدا ئي نه ٿين ها. پر توهان ڏسو ٿا ته مختلف واٽون ٿيون ۽ سندس حڪمت جو فيصلو اهوئي ٿيو)

رڪوع 2

**الله تعاليٰ جن ڏنل نعمتون ڳڻڻ کان ٻاهر آهن، بيشڪ خدا وڏو بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي.**

هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَاۗءِ مَاۗءً لَّكُمْ مِّنْهُ شَرَابٌ وَّمِنْهُ شَجَرٌ فِيْهِ تُسِيْمُوْنَ ⑩

(١٠) اهوئي (الله) آهي جو آسمان مان پاڻي ٿو وسائي ان مان ڪجهه ته توهان جي پيئڻ جي ڪم ٿو اچي ۽ ڪجهه (زمين کي ريج ڏئي ٿو. جنهن جي ڪري) وڻن جا ٻيلا پيدا ٿي وڃن ٿا ۽ توهان انهن ۾ پنهنجا ڍور ڍڳا چاريو ٿا.

يُنْۢبِتُ لَكُمْ بِهِ الزَّرْعَ وَالزَّيْتُوْنَ وَالنَّخِيْلَ وَالْاَعْنَابَ وَمِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ⑪

(١١) انهيءَ ئي پاڻي سان هو توهان جي لاءِ (هر قسم جي اناجن جون) پوکون به پيدا ڪري ٿو چڙهي، پڻ زيتون، کارڪون، انگور ۽ ٻيا هر طرح جا ميوا پيدا ڪري ٿو. (يقيناً هن ڳالهه ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ هڪ وڏي نشاني آهي، جيڪي غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن.

وَسَخَّرَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ۙ وَالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ۭ وَالنُّجُوْمُ مُسَخَّرٰتٌۢ بِاَمْرِهٖ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ⑫

(١٢) ۽ (ڏسو) هن توهان جي لاءِ رات ۽ ڏينهن سج ۽ چنڊ مسخر ڪري ڇڏيا (جو توهان جا ڪم سر انجام ڏيڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن) ۽ اهڙيءَ طرح تارا به سندس حڪم سان توهان جي لاءِ مسخر ٿي ويا آهن، يقيناً هن ڳالهه ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڏيون نشانيون جيڪي عقل کان ڪم ٿا وٺن.

وَمَا ذَرَاَ لَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُخْتَلِفًا اَلْوَانُهٗ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّذَّكَّرُوْنَ ⑬

(١٣) ۽ زمين جي مٿاڇري تي طرحين طرحين رنگن واريون شيون جي توهان جي لاءِ پيدا ڪري ڇڏيون اٿس (تن تي به غور ڪيو) بيشڪ هن ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ هڪ نشاني آهي، جيڪي سوچ سمجهه وارا آهن.

وَهُوَ الَّذِيْ سَخَّرَ الْبَحْرَ لِتَاْكُلُوْا مِنْهُ لَحْمًا طَرِيًّا وَّتَسْتَخْرِجُوْا مِنْهُ حِلْيَةً تَلْبَسُوْنَهَا ۚ وَتَرَى الْفُلْكَ مَوَاخِرَ فِيْهِ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ⑭

(١٤) ۽ (ڏسو) اهوئي آهي جنهن سمنڊ کي اوهان جي لاءِ مسخر ڪري ڇڏيو ته ان مان تازو (۽ نرم ۽ لذيذ) گوشت (مثلاً مڇيءَ جو گوشت) حاصل ڪري کائو ۽ زيورن جون (قيمتي ۽ سهڻيون موتين جهڙيون) شيون ٻاهر ڪڍو جن کي سينگار ۽ سونهن لاءِ پائيندا آهيو. پڻ توهان ڏسو ٿا ته جهاز پاڻيءَ کي چيريندا هليا وڃن ٿا، انهيءَ لاءِ ته توهان خدا جو

فضل تلاش ڪيو (يعني جهازن جي وسيلي واپار ڪيو دولت ڪمايو ۽ هڪ ملڪ جون نعمتون ٻين ملڪن ۾ پهچايو) ۽ (سندس نعمتن جو قدر ڪري) شڪر گذار رهو.

وَ اَلْقٰى فِي الْاَرْضِ رَوَاسِيَ اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ وَ اَنْهٰرًا وَّ سُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۱۵﴾

(١٥) ۽ (ڏسو) انهيءَ ئي زمين تي جبل کڙا ڪيا آهن ان لاءِ ته متان اها زمين اوهان کي کڻي (ڪنهن طرف) جهڪي پوي ۽ هن نهرون وهائي ڇڏيون آهن ۽ رستا ڪڍيا آهن. انهيءَ لاءِ ته توهان (ٻرن ۽ بحرن جون واٽون لتاڙي) پنهنجي منزل تي پهچي وڃو.

وَ عَلٰمٰتٍ ؕ وَ بِالنَّجْمِ هُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿۱۶﴾

(١٦) ۽ (ڏسو) هن (مسافرن جي واٽن لاءِ طرحين طرحين) علامتون پيدا ڪري ڇڏيون آهن ۽ تارن جي وسيلي ماڻهو (ٻرن ۽ بحرن ۾) واٽ لهن ٿا. (يعني تارن جي وسيلي نه رڳو روشني ٿئي ٿي پر طرفن جي به خبر پوي ٿي.)

اَفَمَنْ يَّخْلُقُ كَمَنْ لَّا يَخْلُقُ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۱۷﴾

(١٧) پوءِ (ٻڌايو ته) ٻئي هستيون برابر آهن ڇا؟ اها هستي جا پيدا ڪري ٿو (يعني جنهن جي ربوبيت جي فيضان هيءُ سڄو ڪارخانو بنائي ڇڏيو آهي) ۽ اها هستي جا ڪجهه به پيدا نٿي ڪري (بلڪ پاڻ پنهنجي هستيءَ جي لاءِ به پروردگار جي ربوبيت جي محتاج آهي) پوءِ ڇا توهان ايترو به سمجهي نٿا سگهو؟

وَ اِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۸﴾

(١٨) ۽ جيڪڏهن توهان الله جون نعمتون ڳڻڻ چاهيو ته (اهي ايتريون ته بي شمار آهن جو) توهان هرگز ڳڻي ڪونه سگهندؤ. بيشڪ الله تعاليٰ وڏو بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي.

وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَ مَا تُعْلِنُوْنَ ﴿۱۹﴾

(١٩) ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو جيڪي توهان لڪايو ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪيو ٿا (سو ڪائنس لڪل ڪونهي.)

وَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَا يَخْلُقُوْنَ شَيْـًٔا وَّ هُمْ يُخْلَقُوْنَ ﴿۲۰﴾

(٢٠) ۽ الله کان سواءِ جن هستين کي هي ماڻهو پڪارين ٿا سي ڪا به شيءِ پيدا ته ڪري نٿا سگهن پر پاڻ خود (ڪنهن جا) پيدا ڪيل آهن.

اَمْوَاتٌ غَيْرُ اَحْيَآءٍ ۚ وَ مَا يَشْعُرُوْنَ ۙ اَيَّانَ يُبْعَثُوْنَ ﴿۲۱﴾

(٢١) هو مئل مردا آهن نه جيئرا. ڪين اها به خبر ناهي ته ڪڏهن (موت بعد) اٿاريا ويندا.

رڪوع 3

جيڪي آخرت ۾ ايمان نٿا رکن سي حقيقت کان انڪار ڪندڙ ۽ تڪبر ڪندڙ آهن

اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ قُلُوْبُهُمْ مُّنْكِرَةٌ وَّ هُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ ﴿۲۲﴾

(٢٢) توهان جو معبود ته هڪ ئي معبود آهي. (ان کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود ڪونهي) پوءِ جيڪي ماڻهو آخرت جي زندگيءَ تي يقين نٿا رکن تن جون دليون انڪار ڪندڙ آهن. هو (سچائيءَ جي مقابلي ۾) هٺ وڏائي ڪري رهيا آهن.

لَا جَرَمَ اَنَّ اللّٰهَ يَعۡلَمُ مَا يُسِرُّوۡنَ وَمَا يُعۡلِنُوۡنَ ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الۡمُسۡتَكۡبِرِيۡنَ ﴿۲۳﴾

(٢٣) يقيناً (الله تعاليٰ هنن جي حال کان بي خبر ناهي) اهي ماڻهو جيڪي جيڪي (دل ۾) لڪائين ٿا ۽ جيڪي جيڪي ظاهر ڪري ڇڏين ٿا سو سڀ الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. هو هٺ وڏائي ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري.

وَاِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ مَّاذَاۤ اَنۡزَلَ رَبُّكُمۡ ۙ قَالُوۡۤا اَسَاطِيۡرُ الۡاَوَّلِيۡنَ ۙ﴿۲۴﴾

(٢٤) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کان پڇيو وڃي ٿو ته اها ڪهڙي ڳالهه آهي جا توهان جي پروردگار نازل ڪئي آهي؟ تڏهن هو چون ٿا ته اها ڪجهه ناهي، فقط اڳين وقتن جا افسانا ۽ ڪهاڻيون آهن.

لِيَحۡمِلُوۡۤا اَوۡزَارَهُمۡ كَامِلَةً يَّوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ۙ وَمِنۡ اَوۡزَارِ الَّذِيۡنَ يُضِلُّوۡنَهُمۡ بِغَيۡرِ عِلۡمٍ ؕ اَلَا سَآءَ مَا يَزِرُوۡنَ ﴿۲۵﴾

(٢٥) (هنن جي انهيءَ چوڻ جو نتيجو هيءُ ٿيندو ته) هو قيامت جي ڏينهن (پنهنجي گناهن جو) پورو پورو بار کڻندا ۽ انهن ماڻهن جي بار جو به هڪ حصو کڻندا جن کي علم ۽ روشنيءَ کان سواءِ (اهڙيون ڳالهيون ٻڌائي) گمراهه ڪري رهيا هئا. سو ڏسو ته ڪهڙو نه خراب بار آهي، جو هو پاڻ تي لڏي هليا آهن.

رڪوع 4

**حقيقت کان انڪار ڪندڙ، گناهن جا ڪم ڪندڙ ۽ تڪبر ڪندڙ خوار خراب ڪرڻ واري عذاب ۾ گرفتار ٿيندا.**

قَدۡ مَكَرَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ فَاَتَى اللّٰهُ بُنۡيَانَهُمۡ مِّنَ الۡقَوَاعِدِ فَخَرَّ عَلَيۡهِمُ السَّقۡفُ مِنۡ فَوۡقِهِمۡ وَاَتٰٮهُمُ الۡعَذَابُ مِنۡ حَيۡثُ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿۲۶﴾

(٢٦) ياد رکو ته، هنن کان اڳي جيڪي ماڻهو ٿي گذريا آهن تن به (حق جي خلاف) تدبيرون ڪيون هيون، پر (نتيجو ڪهڙو نڪتو؟) هنن پنهنجي تدبيرن جي جيڪا عمارت بنائي هئي تنهن جي بنياد جون سرون به الله تعاليٰ اکوڙي ڇڏيون. پوءِ انهن جي مٿان (سندن ئي بنايل) ڇت اچي ڪري ۽ اهڙي طرف کان ۽ اهڙيءَ طرح مٿن عذاب اچي ڪڙڪيو، جنهن جو ڪين وهم ۽ گمان به ڪونه هو.

ثُمَّ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ يُخۡزِيۡهِمۡ وَيَقُوۡلُ اَيۡنَ شُرَكَآءِىَ الَّذِيۡنَ كُنۡتُمۡ تُشَآقُّوۡنَ فِيۡهِمۡ ؕ قَالَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ اِنَّ الۡخِزۡىَ الۡيَوۡمَ وَالسُّوۡٓءَ عَلَى الۡكٰفِرِيۡنَ ۙ﴿۲۷﴾

(٢٧) پوءِ (ان بعد) قيامت جو ڏينهن (اچڻو آهي. ان ڏينهن هو) انهن (ڪافرن) کي خوار خراب ڪندو ۽ پڇندو ته اڄ اهي هستيون ڪاڏي ويون جن کي توهان مون سان شريڪ بنايو هو ۽ جن جي باري ۾ توهان (حق جي دعوت ڏيندڙن سان) جهڳڙا ڪندا هئو (۽ مخالفت ڪندا هئو؟ ان وقت) اهي ماڻهو جن کي (حقيقت جو) علم ڏنو ويو هو چوندا ته، بيشڪ اڄوڪي ڏينهن جي خواري خرابي سراسر ڪافرن جي لاءِ آهي.

الَّذِيۡنَ تَتَوَفّٰٮهُمُ الۡمَلٰۤـئِكَةُ ظَالِمِىۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ ۖ فَاَلۡقَوُا السَّلَمَ مَا كُنَّا نَعۡمَلُ مِنۡ سُوۡٓءٍ ؕ بَلٰٓى اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌۢ بِمَا كُنۡتُمۡ

(٢٨) (انهن ڪافرن جي لاءِ خواري خرابي آهي جو) جڏهن فرشتن انهن جا روح قبض ڪيا هئا، تڏهن به پنهنجي جانين تي پاڻ پنهنجي هٿان سان ظلم ڪندا رهيا هئا. (يعني موت تائين گناهه ڪندا رهيا) انهيءَ وقت اهي (ڪافر) فرمانبرداري جو اظهار ڪندا. چوندا ته اسان (پنهنجي علم ۽

تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٨﴾

عقل موجب) ڪاب برائي ڪانه ڪئي. (علم وارا جواب ڏيندا ته توهان غلط آهيو) توهان ضرور برائي ڪئي ۽ جيڪي جيڪي توهان ڪندا رهيا هئو سو الله تعاليٰ خوب ڄاڻي ٿو.

فَادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ فَلَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) تنهن ڪري هاڻي توهان جي لاءِ جهنم آهي، جنهن ۾ دروازي ڪان (ٽوليون ٽوليون ٿي) داخل ٿي وڃو. توهان کي هميشه لاءِ ان ۾ رهڻو آهي. سو (ڏسو حق جي مقابلي ۾) تڪبر ڪرڻ وارن جي ڪهڙي نه خراب رهڻ جي جاءِ ٿي!

وَقِيْلَ لِلَّذِيْنَ اتَّقَوْا مَاذَآ اَنْزَلَ رَبُّكُمْ ؕ قَالُوْا خَيْرًا ؕ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةٌ ؕ وَلَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ ؕ وَلَنِعْمَ دَارُ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٣٠﴾

(٣٠) ۽ (جڏهن) متقي ماڻهن کان پڇيو ويندو ته اها ڪهڙي ڳالهه آهي جا توهان جي پروردگار نازل ڪئي آهي؟ تڏهن هنن چيو ته بلڪل خير ۽ برڪت جي ڳالهه آهي. (سو ڏسو ته) جن ماڻهن هن دنيا ۾ چڱايون ڪيون تن جي لاءِ (هتي به) چڱائي آهي ۽ يقيناً (هنن لاءِ) آخرت جو گهر به خير ۽ برڪت ئي جو گهر آهي. پوءِ متقي ماڻهن جو (جنت ۾) گهر ڪهڙو نه چڱو گهر ٿيو!

جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ لَهُمْ فِيْهَا مَا يَشَآءُوْنَ ؕ كَذٰلِكَ يَجْزِى اللّٰهُ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٣١﴾

(٣١) (اهو آخرت جو گهر آهي) دائمي (رحمت ۽ خوشي جا باغ) جن ۾ اهي (متقي) داخل ٿيندا. انهن باغن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن (تنهن ڪري ڪڏهن به سڪي ڪونه ويندو) اهي متقي اتي جيڪي به چاهيندا سو انهن جي لاءِ مهيا ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ متقين کي (سندن نيڪ عملن جو) بدلو ڏيندو آهي.

الَّذِيْنَ تَتَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ طَيِّبِيْنَ ۙ يَقُوْلُوْنَ سَلٰمٌ عَلَيْكُمُ ۙ ادْخُلُوا الْجَنَّةَ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٣٢﴾

(٣٢) اهي (متقي) جن کي فرشتا هن حال ۾ موت ڏين ٿا جو (هو دل جي آرام ۽ ايمان جي يقين سببان) خوشحال ٿين ٿا. فرشتا کين چون ٿا ته توهان تي سلامتي هجي، جنت ۾ داخل ٿي وڃو. اهو نتيجو آهي انهن (نيڪ) ڪمن جو جي توهان ڪندا رهيا آهيو.

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ يَاْتِيَ اَمْرُ رَبِّكَ ؕ كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ وَمَا ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٣٣﴾

(٣٣) (اي پيغمبر) هي ماڻهو جو انتظار ڪري رهيا آهن، سو ڪهڙيءَ ڳالهه لاءِ انتظار ڪري رهيا آهن، سواءِ هن ڳالهه جي ته فرشتا هنن ڏانهن لهي اچن يا تنهنجي پروردگار جو (مقرر) حڪم ظهور ۾ اچي؟ ائين ئي انهن ماڻهن به ڪيو هو، جيڪي ڪانئن اڳي ٿي گذريا آهن (جو سرڪشي ۽ فساد کان باز نه آيا، تان جو خدائي حڪم يعني شڪست ۽ عذاب مٿن اچي ڪڙڪيو) ۽ الله تعاليٰ مٿن ظلم ڪونه ڪيو هو، بلڪ هو پاڻ ئي پاڻ تي ظلم ڪندا رهيا.

فَاَصَابَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا عَمِلُوْا وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٤﴾

(٣٤) نتيجو هي نڪتو جو جهڙا هنن جا عمل هئا تهڙيون مصيبتون مٿن اچي ڪڙڪيون ۽ جنهن ڳالهه تي مسخريون ڪندا هئا (۽ چوندا هئا ته عذاب ايندو ئي ڪونه) سو عذاب انهن کي گهيرو ڪري ويو.

## رکوع 5

### مشرڪ چون ٿا ته ڇو نه ٿو الله تعاليٰ اسان کي شرڪ ۽ بدعملن کان روڪي "ان جو جواب"

وَقَالَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا عَبَدْنَا مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ نَّحْنُ وَلَآ اٰبَآؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ ۭ كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۚ فَهَلْ عَلَى الرُّسُلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٣٥﴾

(٣٥) ۽ مشرڪ چون ٿا ته، جڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها ته، ڪڏهن به ائين نه ٿئي ها جو اسان يا اسان جا ابا ڏاڏا الله ڪانسواءِ ٻين هستين جي پوڄا ڪن ها، نڪي ائين ٿئي ها جو سندس حڪم ڪان سواءِ ڪنهن شيء ڪي حرام ٺهرايون ها. اهڙي ئي روش انهن ماڻهن به اختيار ڪئي هئي جيڪي ڪانئن اڳي ٿي گذريا آهن. پوءِ (ٻڌايو ته) پيغمبرن جي ذمي هن ڪان سواءِ ٻيو ڇا آهي ته حق جو پيغام صاف صاف پهچائي ڏين.

وَلَقَدْ بَعَثْنَا فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلًا اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاجْتَنِبُوا الطَّاغُوْتَ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ هَدَى اللّٰهُ وَمِنْهُمْ مَّنْ حَقَّتْ عَلَيْهِ الضَّلٰلَةُ ۭ فَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٦﴾

(٣٦) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان (دنيا جي) هر امت ۾ ڪوئي نه ڪوئي رسول ضرور پيدا ڪيو (انهيءَ لاءِ ته انهيءَ حق جي پيغام جو اعلان ڪري) ته الله جي ٻانهپ ڪيو ۽ سرڪش (شيطاني) قوتن ڪان بچو. پوءِ انهن امتن مان ڪي اهڙيون هيون جن لاءِ الله تعاليٰ (ڪاميابيءَ جي) راهه ڪولي ڇڏي ۽ ڪي اهڙيون هيون جن تي گمراهي ثابت ٿي ويئي. (يعني جن سمجهه ڪم آندي ۽ حقيقت ڪي قبول ڪيائون تن ڪي خدا به ڇڱيءَ واٽ تي آندو، پر جن تڪبر ۽ خود غرضي سببان عقل ئي ڪم نه آندو ۽ پنهنجي ضد تي قائم رهيا تن ڪي خدا به گمراهه ڪري ڇڏيو ۽ اهي گمراهيءَ جي لائق هئا) پوءِ توهان ملڪن جو سير ڪيو ۽ ڏسو ته جيڪي قومون (سچائي ڪي) رد ڪرڻ واريون هيون تن جي پڇاڙي (آخرت) ڪهڙي نه خراب ٿي.

اِنْ تَحْرِصْ عَلٰي هُدٰىهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ يُّضِلُّ وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٣٧﴾

(٣٧) (اي پيغمبر!) تون هنن ماڻهن جي هدايت لاءِ ڪيترو به خواهشمند ٿيئن. پر (هو هدايت ڪونه وٺندا، ڇو ته) الله تعالي انهيءَ ماڻهو لاءِ (ڪاميابيءَ جي) راهه ڪڏهن به نٿو ڪولي جنهن لاءِ (سندس ضد ۽ سرڪشيءَ سببان) راهه گم ڪري ٿو ڇڏي. ۽ اهڙن ماڻهن لاءِ ڪوئي مددگار به ڪونهي (جو ڪين بدعملن جي نتيجن ڪان بچائي وٺي.)

وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ ۙ لَا يَبْعَثُ اللّٰهُ مَنْ يَّمُوْتُ ۭ بَلٰى وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٨﴾

(٣٨) ۽ (ڏسو) انهن ماڻهن الله جا سخت ۾ سخت قسم ڪڻي چيو ته، جيڪو مري ٿو وڃي تنهن ڪي الله ٻيهر ڪڏهن به نه اٿاريندو. (هو غلط آهن) خدا ضرور ٻيهر اٿاريندو. اهو سندس واعدو آهي. ۽ ان جو پورو ڪرڻ مٿس لازم آهي. پر اڪثر ماڻهو اهڙا آهن جو هن ڳالهه جو علم ڪونه اٿن.

لِيُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِيْ يَخْتَلِفُوْنَ فِيْهِ وَلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰذِبِيْنَ ﴿٣٩﴾

(٣٩) (الله تعاليٰ ضرور ماڻهن ڪي قيامت لاءِ اٿاريندو) هن لاءِ ته جن ڳالهين ۾ ماڻهو اختلاف ڪن ٿا تن ڳالهين جي حقيقت (ان ڏينهن ڪافرن

لاءِ به) چتي ڪري ڇڏي ۽ پڻ هن لاءِ ته منڪرن کي خبر پوي ته هو (سچ پچ غلط ۽) ڪوڙا هئا.

إِنَّمَا قَوْلُنَا لِشَيْءٍ إِذَا أَرَدْنَاهُ أَنْ نَقُولَ لَهُ كُنْ فَيَكُونُ ﴿٤٠﴾

(٤٠) جڏهن اسان ارادو ڪيون ٿا ته ڪا شيءِ پيدا ڪيون تڏهن اسان فقط هي چئون ٿا ته. ٿيءُ ته بس اها شيءِ (پيدا) ٿي پوي ٿي.

رڪوع 6

**هجرت ـ رسولن ۽ وحي جي حقيقت**

وَالَّذِينَ هَاجَرُوا فِي اللَّهِ مِنْ بَعْدِ مَا ظُلِمُوا لَنُبَوِّئَنَّهُمْ فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً ۖ وَلَأَجْرُ الْآخِرَةِ أَكْبَرُ ۚ لَوْ كَانُوا يَعْلَمُونَ ﴿٤١﴾

(٤١) ۽ (ياد رکو) جن ماڻهن تي (سندن ايمان آڻڻ جي ڪري) ظلم ٿيا ۽ ظلمن سهڻ بعد هنن الله جي راهه ۾ هجرت ڪئي تن کي اسان ضرور دنيا ۾ چڱي رهڻ جي جاءِ ڏينداسين ۽ آخرت جو بدلو ته ان کان گهڻو گهڻو وڌيڪ ۽ بهتر آهي، جيڪڏهن هي ماڻهو ڄاڻن (۽ سمجهن).

الَّذِينَ صَبَرُوا وَعَلَىٰ رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُونَ ﴿٤٢﴾

(٤٢) اهي ماڻهو جيڪي (هر قسم جي مصيبتن ۾) ثابت قدم رهيا ۽ جن پنهنجي پروردگار تي ڀروسو رکن ٿا.

وَمَا أَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ إِلَّا رِجَالًا نُوحِي إِلَيْهِمْ ۚ فَاسْأَلُوا أَهْلَ الذِّكْرِ إِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُونَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) ۽ (اي پيغمبر!) توکان اڳي اسان جيڪي به رسول موڪليا سي ماڻهو هئا (نه فرشتا) اسان هنن ڏي وحي موڪليندا هئاسين، پوءِ (اي حق جا منڪرؤ) جيڪڏهن اوهان کي هيءَ ڳالهه معلوم ناهي ته انهن ماڻهن کان پڇو جيڪي (خدائي ڪتابن جو) علم ۽ سمجهه رکن ٿا (يعني اهل ڪتاب عيسائين ۽ يهودين کان پڇي ڏسو ته، سندن پيغمبر انسان هئا يا فرشتا؟)

بِالْبَيِّنَاتِ وَالزُّبُرِ ۗ وَأَنْزَلْنَا إِلَيْكَ الذِّكْرَ لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ إِلَيْهِمْ وَلَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُونَ ﴿٤٤﴾

(٤٤) اسان انهن رسولن کي روشن دليلن ۽ ڪتابن سان موڪليو هو (يعني انهن تي وحي رستي ڪتاب نازل ڪيا هئاسين) ۽ (ساڳيءَ طرح) توتي به الذڪر (عيني قرآن) نازل ڪيو اٿئون. انهيءَ لاءِ ته جيڪا تعليم ماڻهن جي لاءِ موڪلي ويئي آهي، سا انهن کي چٽي ڪري سمجهائين، پڻ هن لاءِ ته هو غور ۽ فڪر ڪن (۽ هدايت جي راهه حاصل ڪن).

اَفَاَمِنَ الَّذِيْنَ السَّيِّاٰتِ السَّيِّاٰتِ اَنْ يَّخْسِفَ اللّٰهُ بِهِمُ الْاَرْضَ اَوْ يَاْتِيَهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٤٥﴾

(٤٥) پوءِ جن ماڻهن برن مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ بريون تدبيرون ڪيون آهن سي هن ڳالهه کان پاڻ کي سلامت ٿا سمجهن، ڇا ته الله تعاليٰ کين زمين ۾ پوري ڇڏي يا ڪنهن اهڙي نموني اوچتو مٿن عذاب اچي ڪڙڪي جنهن جو کين وهم ۽ گمان به ڪونه هجي.

أَوْ يَأْخُذَهُمْ فِي تَقَلُّبِهِمْ فَمَا هُمْ بِمُعْجِزِينَ ﴿٤٦﴾

(٤٦) يا (هيئن ٿئي جو جنهن وقت هو پنهنجي برين ڪوششن ۾) ڊڪ ڊوڙ ڪري رهيا هجن تنهن وقت خدائي عذاب اچي مٿن ڪڙڪي؟ جنهن ڪري هو الله (جي تدبيرن) کي (پنهنجي تدبيرن سان) روڪي ڪونه سگهندا.

أَوْ يَأْخُذَهُمْ عَلَىٰ تَخَوُّفٍ ۖ فَإِنَّ رَبَّكُمْ

(٤٧) يا (هيئن ٿئي جو الله تعاليٰ) هنن کي (ڀهريائين) خوف ڏئي (۽

لَرَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۴۷﴾

خبردار ڪري) پوءِ ڪين پڪڙ ڪري، ڇو ته بيشڪ تنهنجو پروردگار وڏو مهربان ۽ وڏو رحم ڪندڙ آهي.

اَوَ لَمۡ يَرَوۡا اِلٰى مَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنۡ شَىۡءٍ يَّتَفَيَّؤُا ظِلٰلُهٗ عَنِ الۡيَمِيۡنِ وَالشَّمَآئِلِ سُجَّدًا لِّلّٰهِ وَهُمۡ دٰخِرُوۡنَ ﴿۴۸﴾

(٤٨) ڇا هنن ماڻهن الله تعاليٰ جي مخلوقات مان ڪنهن به شيءِ تي غور نه ڪيو آهي؟ (هنن ڪونه ڏٺو آهي ڇا ته) هر هڪ شيءِ جو پاڇو ساڄي طرف کان ۽ کاٻي طرف کان لڙندو رهي ٿو ۽ الله جي اڳيان سجدو ڪندو لڙندو وڃي ٿو ۽ (ڪونه ڏٺو اٿن ڇا ته) سڀ (شيون ۽ جانور) الله جي اڳيان عاجز ۽ نماڻا آهن.

وَلِلّٰهِ يَسۡجُدُ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ مِنۡ دَآبَّةٍ وَّالۡمَلٰٓئِكَةُ وَهُمۡ لَا يَسۡتَكۡبِرُوۡنَ ﴿۴۹﴾

(٤٩) ۽ آسمانن ۾ جيڪي به شيون آهن ۽ زمين تي جيڪي به جانور آهن سي سڀ الله جي اڳيان سجدي ۾ ڪريل آهن ۽ فرشتا به سجدي ۾ ڪريل آهن. اهي تڪبر ۽ سرڪشي ڪونه ٿا ڪن.

يَخَافُوۡنَ رَبَّهُمۡ مِّنۡ فَوۡقِهِمۡ وَيَفۡعَلُوۡنَ مَا يُؤۡمَرُوۡنَ ﴿۵۰﴾ السجدة

(٥٠) هو پنهنجي پروردگار کان ڊڄندا رهن ٿا جو هنن جي مٿان موجود آهي ۽ جيڪو به حڪم کين ڏنو وڃي ٿو تنهن جي تعميل ڪن ٿا.

## رڪوع 7

## شرڪ ۽ غلط خيال ۽ انهن جا برا نتيجا

وَقَالَ اللّٰهُ لَا تَتَّخِذُوۡۤا اِلٰهَيۡنِ اثۡنَيۡنِ‌ۚ اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ‌ۚ فَاِيَّاىَ فَارۡهَبُوۡنِ ﴿۵۱﴾

(٥١) ۽ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته، پنهنجي لاءِ ٻه ٻه معبود نه ٺهرايو ۽ بنايو. حقيقت فقط هيءَ آهي ته اهو (الله) ئي هڪ معبود آهي. (سو ڏسو ته) فقط مان ئي (معبود) آهيان، تنهن ڪري فقط مون کان ڊڄو (۽ منهنجا حڪم مڃو).

وَلَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَلَهُ الدِّيۡنُ وَاصِبًا‌ؕ اَفَغَيۡرَ اللّٰهِ تَتَّقُوۡنَ ﴿۵۲﴾

(٥٢) جيڪي جيڪي آسمان ۽ زمين ۾ آهي سو انهيءَ الله جي لاءِ ئي آهي ۽ انهيءَ ئي لاءِ دين (۽ فرمانبرداري) آهي هميشه جي لاءِ. پوءِ ڇا توهان الله کان سواءِ ٻين هستين کان ڊڄو ٿا؟

وَمَا بِكُمۡ مِّنۡ نِّعۡمَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ‌ ثُمَّ اِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فَاِلَيۡهِ تَجۡـئَرُوۡنَ‌ۚ ﴿۵۳﴾

(٥٣) ۽ نعمتن مان جيڪي به نعمتون توهان کي حاصل ٿيل آهن، سي سڀ الله ئي جي طرف کان آهن. پوءِ جڏهن توهان کي ڪو ايذاءُ يا مصيبت پهچي ٿي تڏهن توهان انهيءَ ئي جي اڳيان آه زاري ڪيو ٿا.

ثُمَّ اِذَا كَشَفَ الضُّرَّ عَنۡكُمۡ اِذَا فَرِيۡقٌ مِّنۡكُمۡ بِرَبِّهِمۡ يُشۡرِكُوۡنَ ۙ ﴿۵۴﴾

(٥٤) پوءِ جڏهن (هيئن ٿئي ٿو جو هو) اوهان کان اهو ڏک دور ڪري ٿو ڇڏي، (۽ مصيبت لاهي ٿو ڇڏي) تڏهن توهان مان هڪ ٽولي هڪدم پنهنجي پروردگار سان ٻين هستين کي شريڪ بنائڻ لڳي ٿي.

لِيَكۡفُرُوۡا بِمَاۤ اٰتَيۡنٰهُمۡ‌ؕ فَتَمَتَّعُوۡا ۚ فَسَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۵۵﴾

(٥٥) ته جيڪا نعمت اسان کيس عطا ڪئي هئي تنهن جي (پوريءَ طرح) بي شڪري ڪري. ڇڱو! (حياتيءَ جا ٿورا ڏينهن) مزا ماڻي وٺو. پوءِ هڪڙو وقت ايندو جڏهن (پنهنجي بي شڪرين جو نتيجو) معلوم ڪري وٺندو.

وَيَجۡعَلُوۡنَ لِمَا لَا يَعۡلَمُوۡنَ نَصِيۡبًا مِّمَّا

(٥٦) ۽ وري (ڏسو) اسان جيڪو رزق هنن کي عطا ڪيو آهي، تنهن مان

رَزَقْنٰهُمْ ؕ تَاللّٰهِ لَتُسْـَٔلُنَّ عَمَّا كُنْتُمْ تَفْتَرُوْنَ ﴿۵۶﴾

انهن هستين جو حصو بہ ٺهرائين ٿا جن جي حقيقت جي ڪين خبر بہ ڪانهي. خدا جو قسم! توهان کان ضرور هن باري ۾ پڇاڻو ڪيو ويندو تہ (حقيقت جي خلاف) ڪهڙا ڪهڙا ڪوڙا ناهہ ٺاهيندا رهيا آهيو.

وَ يَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ الْبَنٰتِ سُبْحٰنَهٗ ۙ وَ لَهُمْ مَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿۵۷﴾

(٥٧) ۽ اهي ماڻهو الله جي لاءِ ڌيئرون ٺهرائين ٿا. پاڪائي هجي الله جي لاءِ! (ڀلا الله جي لاءِ ڌيئر!) ۽ سندن لاءِ وري اهي جن جي لاءِ خواهشمند آهن (يعني پٽ).

وَ اِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِالْاُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّ هُوَ كَظِيْمٌ ۚ﴿۵۸﴾

(٥٨) جڏهن انهن ماڻهن مان ڪنهن کي ڌيءُ جي ڄمڻ جي خبر ڏني وڃي ٿي تڏهن (رنج ۽ غم کان) ان جو منهن ڪارو ٿي ٿو وڃي، ۽ ڏک ۾ ڀرجي ٿو وڃي.

يَتَوَارٰى مِنَ الْقَوْمِ مِنْ سُوْٓءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ ؕ اَيُمْسِكُهٗ عَلٰى هُوْنٍ اَمْ يَدُسُّهٗ فِى التُّرَابِ ؕ اَلَا سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿۵۹﴾

(٥٩) جنهن ڳالهہ جي خبر ڏني ويئي آهي سا (هن جي نظر ۾) اهڙي تہ بڇڙائي جي ڳالهہ آهي جو (شرم ۾ ٻڏي) ماڻهن کان لڪندو رهي ٿو (۽ سوچيندو رهي ٿو تہ) سر تي خواري کڻي ڌيءُ کي ائين ڇڏي پاڻ وٽ رکان يا مٽي ۾ پوري ڇڏيانس (تہ مري وڃي). افسوس انهن ماڻهن تي! ڪهڙو نہ برو فيصلو آهي جو هو ڪن ٿا.

لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ مَثَلُ السَّوْءِ ۚ وَ لِلّٰهِ الْمَثَلُ الْاَعْلٰى ؕ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۧ﴿۶۰﴾

(٦٠) (حقيقت هيءَ آهي تہ) جيڪي ماڻهو آخرت تي يقين نٿا رکن تن جي لاءِ (ائين ئي ٺيڪ آهي تہ) هو (الله جي صفتن جو) برو تصور ڪن (يعني الله تعاليٰ کي برين صفتن وارو ٺهرائين) حالانڪ الله جي لاءِ تہ (هر طرح) بلند ترين تصور آهي (تہ هو اعليٰ ۽ ڪامل صفتن سان موصوف آهي) هو سڀني تي غالب ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

ركوع 8

**الله تعاليٰ جيڪڏهن زيادتي ڪندڙن کي هڪدم تباهہ ڪري تہ دنيا ۾ ڪو انسان ئي نہ رهي.**

وَ لَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِظُلْمِهِمْ مَّا تَرَكَ عَلَيْهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّ لٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّ لَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿۶۱﴾

(٦١) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ ماڻهن کي سندن ظلم سببان (هڪدم) پڪڙ ڪري ها تہ زمين جي مٿاڇري تي هڪ بہ چرڻ پرڻ وارو (ساهہ وارو) باقي نہ ڇڏي ها. پر هو هڪ خاص ٺهرايل وقت تائين مهلت ڏئي ٿو. پوءِ جڏهن اهو مقرر وقت اچي پهچي ٿو تڏهن نڪي هڪ گهڙي اُهي ماڻهو پوئتي رهي سگهن ٿا نہ هڪ گهڙي اڳتي.

وَ يَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ مَا يَكْرَهُوْنَ وَ تَصِفُ اَلْسِنَتُهُمُ الْكَذِبَ اَنَّ لَهُمُ الْحُسْنٰى ؕ لَا جَرَمَ اَنَّ لَهُمُ النَّارَ وَ اَنَّهُمْ مُّفْرَطُوْنَ ﴿۶۲﴾

(٦٢) ۽ هي ماڻهو الله سان اهڙيون ڳالهيون منسوب ڪن ٿا جن کي خود (پنهنجي لاءِ بہ) پسند نٿا ڪن. هنن جون زبانون ڪوڙيون دعوائون ڪن ٿيون (۽ هو چون ٿا) تہ هنن جي لاءِ چڱائي ئي چڱائي آهي. نہ نہ! بلڪ هنن لاءِ (دوزخ جي) باهہ آهي. بيشڪ اهي سڀني کان اڳ ۾ ان (باهہ) ۾ پوڻ وارا آهن.

تَاللّٰهِ لَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَهُوَ وَلِيُّهُمُ الْيَوْمَ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٦٣﴾

(٦٣) (اي پيغمبر!) هن ڳالھ جي سچائي تي اسان پاڻ شاھد آھيون تہ اسان توکان اڳي ڪيترن ئي امتن ڏي رسول موڪليا. پوءِ (ڇا ٿيو جو) شيطان ماڻھن کي سندن بدعمل سھڻا ڪري ڏيکاريا) (ھنن سچائيءَ جي دعوت تي عمل نہ ڪيو) اھوئي شيطان اڄ بہ ھنن (مڪي جي ڪافرن) جو رفيق آھي ۽ (آخر) ھنن جي لاءِ دردناڪ عذاب آھي.

وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ اِلَّا لِتُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِى اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ۙ وَهُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٦٤﴾

(٦٤) ۽ اسان توتي الڪتاب (يعني قرآن) فقط ھن لاءِ نازل ڪيو آھي تہ جن ڳالھين ۾ ھي ماڻھو اختلاف ڪري رھيا آھن، تن جي حقيقت انھن لاءِ چٽي ڪري ڇڏين ۽ اھو ڪتاب مؤمنن لاءِ ھدايت ۽ رحمت ٿئي.

وَاللّٰهُ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿٦٥﴾

(٦٥) ۽ (ڏسو) الله تعاليٰ آسمان مان پاڻي وسائي ٿو. پوءِ ان (جي ريج) سان زمين کي، جا مري چڪي ھئي (نئين سر) زنده ڪري (سرسبز ۽ آباد ڪري) ٿو ڇڏي. بيشڪ ھن صورت حال ۾ انھن ماڻھن لاءِ ھڪ نشاني آھي، جيڪي (حق جي دعوت کي دل جي ڪنن سان) ٻڌن ٿا.

## رڪوع 9

### الله تعاليٰ جي قدرت ۽ ربوبيت جا مثال کير، ميون جو رس ۽ ماکي

وَاِنَّ لَكُمْ فِى الْاَنْعَامِ لَعِبْرَةً ۭ نُسْقِيْكُمْ مِّمَّا فِيْ بُطُوْنِهٖ مِنْۢ بَيْنِ فَرْثٍ وَّدَمٍ لَّبَنًا خَالِصًا سَاۗىِٕغًا لِّلشّٰرِبِيْنَ ﴿٦٦﴾

(٦٦) ۽ بيشڪ اوھان جي لاءِ چوپاين جانورن ۾ (سوچڻ سمجھڻ جي) وڏي عبرت آھي. (ڏسو) اسان انھن جي جسم مان رت (مُٽ ۽) ڇيڻن واري گندگيءَ جي وچ ۾ کير پيدا ڪيون ٿا. اھو کير پيئڻ وارن لاءِ اھڙو تہ خالص ۽ لذيذ ٿئي ٿو جو (وڏي شوق سان) اھو ڪٽي پيئي وڃن ٿا.

وَمِنْ ثَمَرٰتِ النَّخِيْلِ وَالْاَعْنَابِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْهُ سَكَرًا وَّرِزْقًا حَسَنًا ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿٦٧﴾

(٦٧) (اھڙيءَ طرح) انگور جي وڻن جا ميوا آھن جن مان نشو ڪندڙ عرق ۽ پڻ چڱي وڻندڙ ۽ مفيد غذا، (ٻنھي قسمن جون شيون) حاصل ڪيو ٿا. بيشڪ ھن ڳالھ ۾ انھن ماڻھن لاءِ (فھم ۽ بصيرت جي) ھڪ نشاني آھي جيڪي عقل کان ڪم وٺن ٿا.

وَاَوْحٰى رَبُّكَ اِلَى النَّحْلِ اَنِ اتَّخِذِيْ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا وَّمِنَ الشَّجَرِ وَمِمَّا يَعْرِشُوْنَ ﴿٦٨﴾

(٦٨) ۽ (ڏسو) تنھنجي پروردگار ماکيءَ جي مک جي دل ۾ ھيءَ ڳالھ وجھي ڇڏي تہ جبلن ۾، وڻن ۾ ۽ انھن جاين ۾ جيڪي انھيءَ مطلب لاءِ ڪنھن مٿاھين جاءِ تي ناھيون وڃن ٿيون، پنھنجو مانارو ناھ.

ثُمَّ كُلِيْ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ فَاسْلُكِيْ سُبُلَ رَبِّكِ ذُلُلًا ۭ يَخْرُجُ مِنْۢ بُطُوْنِهَا شَرَابٌ مُّخْتَلِفٌ اَلْوَانُهٗ فِيْهِ شِفَاۗءٌ لِّلنَّاسِ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿٦٩﴾

(٦٩) پوءِ ھر قسم جي گلن مان رس چوسيندي وتُ، پوءِ پنھنجي پروردگار جي ٺھرايل واٽن تي پوري فرمانبرداريءَ سان گامزن ٿيءُ. (سو ڏسو) سندس پيٽ مان مختلف رنگن جي رس نڪري ٿي. ان ۾ انسان جي لاءِ شفا آھي. بيشڪ ھن صورت حال ۾ انھن ماڻھن جي لاءِ ھڪ نشاني آھي، جيڪي غور ۽ فڪر ڪندڙ آھن.

وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ ثُمَّ يَتَوَفّٰىكُمْ ۙ وَمِنْكُمْ مَّنْ
يُّرَدُّ اِلٰٓى اَرْذَلِ الْعُمُرِ لِكَيْ لَا يَعْلَمَ بَعْدَ
عِلْمٍ شَيْـًٔا ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ۝۷۰

(٧٠) ۽ (ڏسو) الله ئي اوهان کي پيدا ڪيو آهي، پوءِ اهوئي آهي جو توهان جي زندگي پوري ڪري ٿو (يعني ماري ٿو) ۽ اوهان ۾ ڪو اهڙو به ٿئي ٿو جو (پوڙهائيءَ جي) انتهائي عمر تائين پهچي ٿو. تان جو (علم ۽ عقل جي) سمجهه رکڻ بعد وري اهڙو نادان ٿي وڃي ٿو جو ڪجهه به نٿو ڄاڻي. بيشڪ الله تعاليٰ (سڀ ڪجهه) ڄاڻندڙ ۽ (هر ڳالهه جي) قدرت رکندڙ آهي.

## رڪوع 10

**جيئن هڪ ڪٽنب ۾ سڀ هڪ جيترو ڪون ٿا ڪمائين ته به سڀ هڪجهڙو کائين ۽ چوڙين ٿا، تيئن هي سڄي دنيا به هڪ ڪٽنب آهي.**

وَاللّٰهُ فَضَّلَ بَعْضَكُمْ عَلٰي بَعْضٍ فِي الرِّزْقِ ۚ
فَمَا الَّذِيْنَ فُضِّلُوْا بِرَاۗدِّيْ رِزْقِهِمْ عَلٰي مَا
مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَهُمْ فِيْهِ سَوَاۗءٌ ۭ
اَفَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ ۝۷۱

(٧١) ۽ (ڏسو) الله تعاليٰ اوهان مان هڪڙن کي ٻين کان رزق جي باري ۾ بهتري ڏني آهي (جو ڪي زياده ڪمائين ٿا ۽ ڪي گهٽ) پوءِ ائين ڪونه ٿو ٿئي جو جنهن کي زياده رزق ڏنو ويو آهي سو پنهنجو رزق پنهنجي زيردستن کي ڏيئي ڇڏي. حالانڪ سڀ ان ۾ هڪ جهڙا حقدار آهن. پوءِ ڇا هي ماڻهو الله جي نعمتن کان صريحاً منڪر ٿي رهيا آهن؟

وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا وَّ
جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ بَنِيْنَ وَحَفَدَةً وَّ
رَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ۭ اَفَبِالْبَاطِلِ
يُؤْمِنُوْنَ وَبِنِعْمَتِ اللّٰهِ هُمْ يَكْفُرُوْنَ ۝۷۲

(٧٢) ۽ (ڏسو) الله تعاليٰ اوهان ۾ ئي اوهان جي لاءِ جوڙا پيدا ڪري ڇڏيا آهن (يعني مرد جي لاءِ عورت ۽ عورت جي لاءِ مرد) ۽ توهان جي جوڙن مان توهان جي لاءِ پٽ ۽ پوٽا پيدا ڪيا آهن (۽ ائين ڪرڻ سان اوهان جو خاندان وسيع ٿي ويو آهي. توهان سڀ آدم جا پوٽا آهيو ۽ هڪ ڪٽنب آهيو) پڻ توهان جي روزيءَ لاءِ چڱيون چڱيون شيون مهيا ڪري ڇڏيون اٿس. پوءِ ڇا هي ماڻهو ڪوڙيون ڳالهيون ته مڃي وڃن ٿا پر الله جي نعمتن جي حقيقت کان انڪار ٿا ڪن.

وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَمْلِكُ لَهُمْ
رِزْقًا مِّنَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ شَيْـــًٔا وَّلَا
يَسْتَطِيْعُوْنَ ۝۷۳

(٧٣) اهي الله کان سواءِ انهن هستين جي پوڄا ٿا ڪن جي آسمان ۽ زمين مان رزق ڏيڻ جو ڪجهه به اختيار نٿا رکن ۽ نه انهن کي ڪنهن به (اهڙي) ڳالهه ڪرڻ جي طاقت آهي.

فَلَا تَضْرِبُوْا لِلّٰهِ الْاَمْثَالَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ وَ
اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ۝۷۴

(٧٤) پوءِ (دنيا جي بادشاهن جو مثال وٺي پنهنجي ڪم عقليءَ کان) الله جي لاءِ مثال نه گهڙيو ۽ ناهيو. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو، توهان ڪجهه به نٿا ڄاڻو.

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا عَبْدًا مَّمْلُوْكًا لَّا يَقْدِرُ
عَلٰي شَيْءٍ وَّمَنْ رَّزَقْنٰهُ مِنَّا رِزْقًا حَسَنًا فَهُوَ
يُنْفِقُ مِنْهُ سِرًّا وَّجَهْرًا ۭ هَلْ يَسْتَوٗنَ ۭ
اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ۭ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝۷۵

(٧٥) الله تعاليٰ هڪڙو مثال بيان ڪري ٿو (ان تي غور ڪيو) هڪڙو غلام آهي جو ڪنهن ٻئي ماڻهو جي ملڪيت آهي. اهو غلام پاڻ ڪنهن به ڳالهه جي طاقت يا اختيار نٿو رکي ۽ هڪ ٻيو ماڻهو آهي (خود مختيار) اسان پنهنجي فضل سان هن کي چڱو رزق ڏنو آهي، ۽ هو ظاهرظهور توڙي مخفي طرح (جيئن ٻئي ماڻهو برابر ٿي سگهن ٿا (پوءِ توهان ڪيئن

تا مخلوق کي خالق سان شريڪ ڪري برابر بنايو؟) سڀ ۾ خاص ساراهہ الله جي لاءِ آهي (ان جي برابر ڪوبہ ڪونهي) پر اڪثر ماڻهو اهڙا آهن جيڪي (اها ڳالهہ) نٿا ڄاڻن.

وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلَيْنِ اَحَدُهُمَآ اَبْكَمُ لَا يَقْدِرُ عَلٰى شَيْءٍ وَّهُوَ كَلٌّ عَلٰى مَوْلٰىهُ ۙ اَيْنَمَا يُوَجِّهْهُّ لَا يَاْتِ بِخَيْرٍ ۭ هَلْ يَسْتَوِيْ هُوَ ۙ وَمَنْ يَّاْمُرُ بِالْعَدْلِ ۙ وَهُوَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۝ۧ

(٧٦) ۽ (ڏسو) الله تعاليٰ هڪ (ٻيو) مثال بيان ٿو ڪري، ٻہ ماڻهو آهن هڪ گونگو آهي، ڪنهن بہ ڳالهہ ڪرڻ جي طاقت ڪانهيس، پنهنجي مالڪ تي بوجهہ ۽ بار آهي. ڪاڏي موڪليس تہ ڪابہ چڱائي جي ڳالهہ هن ڪان ڪانہ صادرٿئي ۽ ٻيو اهڙو آهي جو (گونگي هئڻ بدران) ماڻهن کي عدل ۽ انصاف جي ڳالهين جو حڪم ڏئي ٿو ۽ پاڻ بہ (عدل ۽ سچائيءَ جي) سڌيءَ راهہ تي آهي. ڇا ٻنهي ماڻهو ۽ هي ٻيو ماڻهو برابر ٿي سگهن ٿا؟

## رڪوع 11

### الله تعاليٰ جون قدرتون ۽ نعمتون ڏسي شڪر ۽ حق جي راهہ تي اچو

وَلِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَمَآ اَمْرُ السَّاعَةِ اِلَّا كَلَمْحِ الْبَصَرِ اَوْ هُوَ اَقْرَبُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝

(٧٧) ۽ آسمانن ۽ زمين جون جيڪي بہ مخفي ڳالهيون آهن، تن سڀني جو علم الله ئي کي آهي ۽ (اچڻ وارو) مقرر وقت جو معاملو اهڙو سمجهہ جهڙو اک جو ڇنڀڻ بلڪ ان کان بہ تڪڙو. بيشڪ الله جي قدرت کان ڪابہ ڳالهہ ٻاهر ناهي.

وَاللّٰهُ اَخْرَجَكُمْ مِّنْۢ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ شَيْـًٔا ۙ وَّجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ ۙ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ۝

(٧٨) ۽ (ڏسو) الله تعاليٰ اوهان کي اوهان جي مائرن جي پيٽ مان ٻاهر آندو ۽ اهڙيءَ حالت ۾ آندو جو اوهان (ٻاراڻي حالت ۾) ڪجهہ بہ نہ ڄاڻندا هئو. پوءِ توهان جي لاءِ ٻڌڻ ڏسڻ ۽ عقل هلائڻ جون قوتون پيدا ڪيائين، انهيءَ لاءِ تہ توهان شڪرگذار رهو. (يعني انهن نعمتن جو قدر ڪري انهن کي چڱيءَ طرح ڪم آڻي خوشحال ٿيو.)

اَلَمْ يَرَوْا اِلَى الطَّيْرِ مُسَخَّرٰتٍ فِيْ جَوِّ السَّمَاۗءِ ۭ مَا يُمْسِكُهُنَّ اِلَّا اللّٰهُ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ۝

(٧٩) ڇا هو پکين کي نٿا ڏسن جي آسمان جي فضا ۾ مطيع ۽ فرمانبردار (اڏامي رهيا) آهن. الله کان سواءِ ڪير آهي جو هنن کي (مٿي) جهليون بيٺو آهي. بيشڪ ايمان وارن جي لاءِ هن ڳالهہ ۾ (حق جي قدرت جون) وڏيون ئي نشانيون آهن.

وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْۢ بُيُوْتِكُمْ سَكَنًا وَّجَعَلَ لَكُمْ مِّنْ جُلُوْدِ الْاَنْعَامِ بُيُوْتًا تَسْتَخِفُّوْنَهَا يَوْمَ ظَعْنِكُمْ وَيَوْمَ اِقَامَتِكُمْ ۙ وَمِنْ اَصْوَافِهَا وَاَوْبَارِهَا وَاَشْعَارِهَآ اَثَاثًا وَّمَتَاعًا اِلٰى حِيْنٍ ۝

(٨٠) ۽ (ڏسو) الله تعاليٰ اوهان جي گهرن کي اوهان جي لاءِ رهڻ ۽ آرام وٺڻ جي جاءِ بنايو آهي. پڻ توهان جي لاءِ چوپاين جانورن جي کلن مان گهر ٺاهيا آهن. (يعني خيما ۽ تنبو جن کي پاڻ سان کنيون وتندا آهيو) ڪوچ ڪيو يا ٽڪيو پئو، ٻنهي حالتن ۾ تمام هلڪا آهن ۽ وري انهن چوپاين جانورن جي اُن مان، پشم مان ۽ وارن مان ڪيترو ئي سامان ۽ مفيد شيون آهن جي هڪ خاص وقت تائين ڪم ڏين ٿيون.

وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّمَّا خَلَقَ ظِلٰلًا وَّ جَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الْجِبَالِ اَكْنَانًا وَّ جَعَلَ لَكُمْ سَرَابِيْلَ تَقِيْكُمُ الْحَرَّ وَ سَرَابِيْلَ تَقِيْكُمْ بَاْسَكُمْ ؕ كَذٰلِكَ يُتِمُّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْلِمُوْنَ ﴿۸۱﴾

(٨١) ۽ الله تعاليٰ پنهنجي خلقيل شين مان توهان جي لاءِ ڇانوَ پيدا ڪئي آهي (جو جن ڪي تنبو ناهن ته وڻن جبلن وغيره جي ڇانوَ ۾ پناهه ٿا وٺن) ۽ جبلن ۾ پناهه وٺڻ جون جايون بنايون آهن، ۽ لباس پيدا ڪيو آهي جو (لڪ ۽ جهولي جي) گرميءَ کان بچائي ٿو. پڻ لوهو لباس (يعني زره ڍال وغيره) هو هٿيارن جي زد کان بچائي ٿو. ۽ (سو ڏسو) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ پنهنجو نعمتون پوريءَ طرح بخشي رهيو آهي، انهيءَ لاءِ ته سندس اڳيان (فرمابرداريءَ ۾) جهڪي وڃو.

فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿۸۲﴾

(٨٢) پوءِ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن انهيءَ هوندي به ماڻهو منهن موڙين (۽ سمجهڻ لاءِ تيار نه ٿين) ته (فڪر نه ڪر) تنهنجي ذمي جيڪي آهي سو آهي فقط صاف صاف حق جو پيغام پهچائي ڏيڻ.

يَعْرِفُوْنَ نِعْمَتَ اللّٰهِ ثُمَّ يُنْكِرُوْنَهَا وَ اَكْثَرُهُمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۸۳﴾ ع

(٨٣) اهي ماڻهو الله جي نعمتن کي سڃاڻين به ٿا، تڏهن به انهن کان انڪار ڪن ٿا ۽ اڪثر ماڻهو اهڙا آهن، جن کي سچائيءَ کان (قطعي) انڪار آهي.

## رڪوع 12

## قيامت جي ڏينهن جون حالتون

وَ يَوْمَ نَبْعَثُ مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا ثُمَّ لَا يُؤْذَنُ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ لَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿۸۴﴾

(٨٤) ۽ جنهن ڏينهن (هيئن ٿيندو جو) اسان هرهڪ امت مان هڪ شاهد (يعني پيغمبر) اٿاري ڪڙو ڪنداسين تنهن ڏينهن پوءِ ڪافرن کي (ڳالهائڻ جي) موڪل نه ڏني ويندي، نڪي کين ڇيو ويندو ته توبهه ڪريو.

وَ اِذَا رَاَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الْعَذَابَ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمْ وَ لَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿۸۵﴾

(٨٥) جن ماڻهن ظلم ڪيو آهي سو جڏهن عذاب پنهنجي سامهون ڏسندا تڏهن ائين هرگز نه ٿيندو جو انهن لاءِ عذاب کي هلڪو ڪيو ويندو، نڪي کين مهلت ملندي.

وَ اِذَا رَاَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا شُرَكَآءَهُمْ قَالُوْا رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ شُرَكَآؤُنَا الَّذِيْنَ كُنَّا نَدْعُوْا مِنْ دُوْنِكَ ۚ فَاَلْقَوْا اِلَيْهِمُ الْقَوْلَ اِنَّكُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۸۶﴾ ۚ

(٨٦) ۽ جن ماڻهن، الله سان شريڪ ٺهرايا آهن سي جڏهن (قيامت جي ڏينهن) پنهنجي ٺهرايل شريڪن کي ڏسندا تڏهن پڪاري چوندا ته اي پروردگار هي آهن اسان جا (ٺهرايل) شريڪ جن کي اسان توکان سواءِ پڪاريندا هئاسين، تنهن تي اهي (ٺهرايل شريڪ) انهن ڏانهن پنهنجو جواب موڪليندا ته، نه توهان بلڪل ڪوڙا آهيو.

وَ اَلْقَوْا اِلَى اللّٰهِ يَوْمَئِذِ ِالسَّلَمَ وَ ضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿۸۷﴾

(٨٧) ۽ انهيءَ ڏينهن بيشڪ الله جي اڳيان فرمانبرداريءَ جو سر جهڪائيندا ۽ اهي سڀ ڪوڙا ناهه جي (دنيا ۾) ناهيندا هئا ڪانئن گم ٿي ويندا.

اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ صَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ زِدْنٰهُمْ عَذَابًا فَوْقَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يُفْسِدُوْنَ ﴿۸۸﴾

(٨٨) جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ ماڻهن کي الله جي راهه کان روڪيو (تن جي شرارتن جي بدلي ۾) اسان کين عذاب مٿان عذاب نازل ڪنداسون (هڪڙو عذاب ڪفر جو ۽ ٻيو ٻين ماڻهن کي حق کان روڪڻ جو).

وَيَوْمَ نَبْعَثُ فِي كُلِّ أُمَّةٍ شَهِيدًا عَلَيْهِمْ مِنْ
أَنْفُسِهِمْ ۖ وَجِئْنَا بِكَ شَهِيدًا عَلَىٰ هَٰؤُلَاءِ ۚ وَ
نَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْكِتَابَ تِبْيَانًا لِكُلِّ شَيْءٍ وَّ
هُدًى وَّرَحْمَةً وَّبُشْرَىٰ لِلْمُسْلِمِينَ ﴿٨٩﴾

(٨٩) ۽ انهيءَ ڏينهن اسان هرهڪ امت مان هڪڙو شاهد (يعني پيغمبر) اتاري ڪڙو ڪنداسين جو انهن مان ئي هوندو (۽ ٻڌائيندو ته ڪهڙيءَ طرح هن حق جو پيغام پهچايو ۽ ڪهڙيءَ طرح ماڻهن اهو ٻڌو مڃيو) ۽ (اي پيغمبر!) توکي هنن ماڻهن جي لاءِ (جيڪي توکي ڪوڙو ٺهرائي رهيا آهن) شاهد بنائينداسين. (انهيءَ ئي ڪري) اسان توتي هي ڪتاب نازل ڪيو آهي (دين جي) سيني ڳالهين کي چٽو ڪري ٻڌائڻ لاءِ ۽ هن لاءِ ته مسلمانن جي لاءِ رهنمائي ۽ رحمت ۽ خوشخبري ٿئي.

رڪوع 13

**عدل، احسان ۽ مائٽن سان چڱو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم، فاحش ڪمن، گناهن ۽ فساد ڪان منع. واعدا ۽ عهدناما پاڙڻ**

إِنَّ اللَّهَ يَأْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْإِحْسَانِ وَإِيتَاءِ
ذِي الْقُرْبَىٰ وَيَنْهَىٰ عَنِ الْفَحْشَاءِ وَالْمُنْكَرِ وَ
الْبَغْيِ ۚ يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُونَ ﴿٩٠﴾

(٩٠) (مسلمانو!) الله تعاليٰ حڪم ٿو ڏئي ته (هر معاملي ۾ ۽ هرهڪ ڳالهه ۾) انصاف ڪيو، (سيني سان) ڀلائي ۽ نيڪي ڪيو ۽ مائٽن سان سهڻو سلوڪ ڪيو- ۽ هو اوهان کي (هنن ڳالهين ڪان) روڪي ٿو، بي حيائيءَ جي ڳالهين ڪان، هر قسم جي برائين ۽ گناهن ڪان ۽ ظلم ۽ زيادتيءَ جي ڪمن ڪان، هو توهان کي نصيحت ٿو ڪري انهيءَ لاءِ ته (سمجهو ۽) نصيحت وٺو.

وَأَوْفُوا بِعَهْدِ اللَّهِ إِذَا عَاهَدْتُمْ وَلَا تَنْقُضُوا
الْأَيْمَانَ بَعْدَ تَوْكِيدِهَا وَقَدْ جَعَلْتُمُ اللَّهَ
عَلَيْكُمْ كَفِيلًا ۚ إِنَّ اللَّهَ يَعْلَمُ مَا تَفْعَلُونَ ﴿٩١﴾

(٩١) ۽ جڏهن توهان پاڻ ۾ واعدو يا عهدنامون ڪيو ته (سمجهي ڇڏيو ته جڻ الله سان عهد ڪيو اٿو) پوءِ اوهان کي گهرجي ته الله جو عهد پورو ڪيو ۽ ائين نه ڪيو جو قسمن تي (واعدو يا عهد نامون) پڪو ڪري وري ان کي ٽوڙي ڇڏيو، حالانڪ توهان الله کي پنهنجي مٿان نگبان ٺهرائي چڪا آهيو، (يعني الله جو قسم کڻي ڪيس شاهد ڪري چڪا آهيو) يقين ڪيو ته توهان جيڪي جيڪي ڪيو ٿا سو الله ڪان لڪل ڪونهي.

وَلَا تَكُونُوا كَالَّتِي نَقَضَتْ غَزْلَهَا مِنْ بَعْدِ
قُوَّةٍ أَنْكَاثًا تَتَّخِذُونَ أَيْمَانَكُمْ دَخَلًا
بَيْنَكُمْ أَنْ تَكُونَ أُمَّةٌ هِيَ أَرْبَىٰ مِنْ أُمَّةٍ ۚ
إِنَّمَا يَبْلُوكُمُ اللَّهُ بِهِ ۚ وَلَيُبَيِّنَنَّ لَكُمْ يَوْمَ
الْقِيَامَةِ مَا كُنْتُمْ فِيهِ تَخْتَلِفُونَ ﴿٩٢﴾

(٩٢) (واعدو ۽ عهدنامون ٽوڙي توهان) انهيءَ عورت وانگر نه ٿيو جنهن وڏيءَ محنت سان سُٽ ڪتيو ۽ پوءِ ان کي چني ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. توهان هڪ ٻئي جي معاملن ۾ پنهنجي قسمن کي مڪر ۽ فساد جو ذريعو بنايو ٿا هن لاءِ ته هڪڙي جماعت (يا قوم يا سلطنت) ٻيءَ جماعت ڪان (طاقت ۾) وڌي وڃي آهي. (ياد رکو ته) الله تعاليٰ هن معاملي ۾ توهان جي (سچائي ۽ استقامت ۽ محڪم رهڻ جي) آزمائش ٿو وٺي (ته توهان طاقت واري قوم جي پاسخاطري ڪرڻ ٿا لڳو يا پنهنجي عهدنامي تي قائم ٿا رهو) جن جن ڳالهين ۾ توهان اختلاف ٿا ڪيو تن جي حقيقت ضرور قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ چٽيءَ طرح ظاهر ڪئي ويندي.

وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ يُّضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَلَتُسْـَٔلُنَّ عَمَّا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٣﴾

(٩٣) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها تہ توهان سڀني کي هڪ ئي امت ڪري ڇڏي ها (يعني مختلف جماعتون ۽ مختلف خيال ۽ طريقا ظهور ۾ ئي نہ اچن ها) پر (توهان ڏسو ٿا تہ هن ائين نہ چاهيو) هو جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ (ڪاميابيءَ جي) راهہ گم ڪري ٿو ڇڏي ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ کولي ٿو ڇڏي. ۽ (پوءِ) ضرور هيئن ٿيڻو آهي تہ توهان کان انهن ڪمن جو پڇاڻو ٿيندو جيڪي (دنيا ۾) ڪندا رهو ٿا.

وَلَا تَتَّخِذُوْٓا اَيْمَانَكُمْ دَخَلًاۢ بَيْنَكُمْ فَتَزِلَّ قَدَمٌۢ بَعْدَ ثُبُوْتِهَا وَتَذُوْقُوا السُّوْٓءَ بِمَا صَدَدْتُّمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ وَلَكُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٩٤﴾

(٩٤) ۽ هڪٻئي جي معاملن ۾ پنهنجي قسمن کي مڪر ۽ فريب جو ذريعو نہ بڻايو، جو ماڻهن جا قدم ڄمي ويهڻ ۽ ڪپي وڃڻ بعد وري اکڙي وڃن، ۽ هن ڳالهہ جي بدلي ۾ جو توهان ماڻهن کي الله جي راهہ کان روڪيو توهان کي برن نتيجن جو برو ذائقو چکڻو پوي ۽ آخرڪار توهان هڪ وڏي عذاب جا لائق ٿي وڃو.

وَلَا تَشْتَرُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ اِنَّمَا عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٩٥﴾

(٩٥) ۽ الله جي نالي تي ڪيل واعدا ۽ عهدناما (دنيا جي) تمام ٿورڙي فائدي لاءِ وڪڻي نہ ڇڏيو. (سچائيءَ جو) جيڪو اجر الله وٽ آهي، سو توهان جي لاءِ گهڻو بهتر آهي، بشرطيڪ توهان ڄاڻو ۽ سمجهو.

مَا عِنْدَكُمْ يَنْفَدُ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ بَاقٍ ؕ وَلَنَجْزِيَنَّ الَّذِيْنَ صَبَرُوْٓا اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾

(٩٦) جيڪي بہ توهان وٽ آهي سو (ڪڏهن نہ ڪڏهن) ختم ٿي ويندو، پر جيڪي الله وٽ آهي سو ختم ٿيڻ وارو ناهي. جن ماڻهن صبر ڪيو ۽ ثابت قدم رهيا (۽ زندگيءَ جون وقتي مشڪلاتون ۽ مصبتون صبر سان سٺيون) تن کي ضرور اسان انهن جو اجر عطا ڪنداسين، انهن جهڙا جهڙا چڱا عمل ڪيا آهن، تهڙوئي اسان جو اجر بہ کين ملندو.

مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً ۚ وَلَنَجْزِيَنَّهُمْ اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٧﴾

(٩٧) جيڪو بہ چڱا عمل ٿو ڪري، مرد هجي خواهہ عورت ۽ اهو مؤمن بہ هجي تنهن کي اسان ضرور (هن ئي دنيا ۾) چڱي زندگي بسر ڪرائينداسين ۽ آخرت ۾ بہ ضرور هن کي وڏو اجر ڏينداسين. هنن جيڪي بہ چڱا ڪم ڪيا آهن تن جي مطابق اسان جو بہ چڱو اجر کين ملندو.

فَاِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿٩٨﴾

(٩٨) پوءِ جڏهن تون قرآن پڙهڻ لڳين، تڏهن توکي گهرجي تہ مردود شيطان (جي وسوسن) کان الله جي پناهہ گهرندو ڪر.

اِنَّهٗ لَيْسَ لَهٗ سُلْطٰنٌ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٩٩﴾

(٩٩) ۽ بيشڪ جيڪي ماڻهو ايمان وارا آهن ۽ پنهنجي پروردگار تي ڀروسو ٿا رکن تن تي سندس زور يا حڪم هرگز ڪونہ هلندو.

اِنَّمَا سُلْطٰنُهٗ عَلَى الَّذِيْنَ يَتَوَلَّوْنَهٗ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِهٖ مُشْرِكُوْنَ ﴿١٠٠﴾ ع

(١٠٠) هن (شيطان) هو زور تہ انهن تي ٿو هلي جيڪي ڪيس پنهنجو رفيق ٿا بڻائين ۽ جيڪي هن جي ڪري شرڪ ٿا ڪن.

رڪوع 14

## حقيقت جي منڪرن جي دلين، ڪنن ۽ اکين تي مهر لڳي ته وڃي، جو ته هو حواسن ۽ عقل کان ڪم ئي نٿا وٺن

وَاِذَا بَدَّلْنَآ اٰيَةً مَّكَانَ اٰيَةٍ ۙ وَّاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يُنَزِّلُ قَالُوْٓا اِنَّمَآ اَنْتَ مُفْتَرٍ ۭ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠١﴾

(١٠١) ۽ جڏهن اسان هڪ آيت جي جاءِ تي ٻي آيت نازل ٿا ڪيون ۽ الله ئي بهتر ڄاڻندڙ آهي ته هو ڇا نازل ڪري رهيو آهي. تڏهن هي ماڻهو (توکي) چون ٿا ته تون ته پنهنجي دل مان (ڳالهيون) گهڙي ٺاهيندو آهين، حالانڪ انهن مان گهڻن کي معلوم ناهي ته حقيقت ڇا آهي.

قُلْ نَزَّلَهٗ رُوْحُ الْقُدُسِ مِنْ رَّبِّكَ بِالْحَقِّ لِيُثَبِّتَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهُدًى وَّبُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٠٢﴾

(١٠٢) (اي پيغمبر!) تون چئه ته (هي قرآن منهنجو ٺاهيل ناهي، نڪي مان ٺاهي سگهان ٿو) هي حقيقتاً توهان جي پروردگار جي طرفان روح القدس نازل ڪيو ويو آهي ۽ هن لاءِ نازل ڪيو ويو آهي ته ايمان وارن جي دل کي جمت ۽ مضبوطي ڏئي، فرمانبردار بندن لاءِ رهنمائي ٿئي ۽ (ڪاميابي ۽ سعادت جي) خوشخبري ڏئي (مسلمانن کي).

وَلَقَدْ نَعْلَمُ اَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ اِنَّمَا يُعَلِّمُهٗ بَشَرٌ ۭ لِسَانُ الَّذِيْ يُلْحِدُوْنَ اِلَيْهِ اَعْجَمِيٌّ وَّهٰذَا لِسَانٌ عَرَبِيٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٠٣﴾

(١٠٣) ۽ بيشڪ اسان کي خبر آهي ته هي ماڻهو (قرآن متعلق) چون ٿا ته هن شخص (يعني پيغمبر) کي هڪڙو ماڻهو (اهي ڳالهيون) سيکاري ٿو ڇڏي. پر حقيقت هيءَ آهي ته اهو ماڻهو جنهن ڏانهن اهو اشارو ڪن ٿا تنهن جي ٻولي ته عجمي آهي ۽ هي (قرآن) ته صاف ۽ چٽي عربي زبان ۾ آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۙ لَا يَهْدِيْهِمُ اللّٰهُ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٠٤﴾

(١٠٤) حقيقت هيءَ آهي ته جيڪي ماڻهو (ڄاڻي ٻجهي) الله جي آيتن تي يقين نٿا ڪن تن کي الله تعاليٰ (ڪاميابيءَ جي) راهه ڪڏهن به نٿو ڏيکاري ۽ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب اچڻ وارو آهي.

اِنَّمَا يَفْتَرِي الْكَذِبَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۚ وَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿١٠٥﴾

(١٠٥) پنهنجي دل مان ڪوڙ گهڙي ٺاهڻ ته انهن جو ڪم آهي، جيڪي الله جي آيتن تي ايمان نٿا رکن (الله تي ايمان رکڻ وارو ڪڏهن به ڪوڙا ٺاهه نٿو ٺاهي سگهي) اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي سراسر ڪوڙا آهن.

مَنْ كَفَرَ بِاللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ اِيْمَانِهٖٓ اِلَّا مَنْ اُكْرِهَ وَقَلْبُهٗ مُطْمَىِٕنٌّۢ بِالْاِيْمَانِ وَلٰكِنْ مَّنْ شَرَحَ بِالْكُفْرِ صَدْرًا فَعَلَيْهِمْ غَضَبٌ مِّنَ اللّٰهِ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١٠٦﴾

(١٠٦) جيڪڏهن ڪو به ماڻهو ايمان آڻڻ بعد وري الله کان منڪر ٿئي ٿو ۽ سندس دل ان انڪار تي راضي ٿي وڃي ٿي ته اهڙن ماڻهن تي الله جو غضب آهي ۽ انهن لاءِ تمام وڏو عذاب آهي، پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪفر (جي ڪنهن ڳالهه چوڻ) تي مجبور ڪيو وڃي (۽ بيوس ٿي جان جي خوف کان اهڙي ڳالهه چئي ڏئي) ۽ هن جي دل (اندر ئي اندر) ايمان تي راضي ۽ محڪم هجي (ته اهڙن ماڻهن تي ڏوهه ڪونهي).

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اسْتَحَبُّوا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا عَلَى الْاٰخِرَةِ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٠٧﴾

(١٠٧) اهو (عذاب ۽ غضب) هن ڪري آهي جو هنن آخرت کي ڇڏي دنيا جي زندگيءَ سان محبت رکي. پڻ هن ڪري جو الله (جو قانون آهي ته هو) منڪرن لاءِ (بهبودي ۽ سعادت جي) راهه نٿو کولي.

أُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَ
سَمْعِهِمْ وَ اَبْصَارِهِمْ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ
الْغٰفِلُوْنَ ﴿۱۰۸﴾

(١٠٨) هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين تي، ڪنن تي ۽ اکين تي الله تعاليٰ مهر هڻي ڇڏي آهي (ڇو ته سندس قانون آهي ته جيڪي ماڻهو عقل ۽ حواس کان ڪم نٿا وٺن سي ان جي روشنيءَ کان محروم ٿي وڃن ٿا) ۽ اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي غفلت ۾ غرق آهن.

لَا جَرَمَ اَنَّهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۱۰۹﴾

(١٠٩) بلاشڪ اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي آخرت ۾ تباهه حال ٿيندا.

ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيْنَ هَاجَرُوْا مِنْۢ بَعْدِ مَا
فُتِنُوْا ثُمَّ جٰهَدُوْا وَ صَبَرُوْٓا ۙ اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ
بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۱۰﴾ ع

(١١٠) پوءِ جن ماڻهن (ڪفر ۽ ايمان جي) آزمائش ۾ پوڻ بعد هجرت ڪئي ۽ وري (حق جي راهه ۾) جهاد به ڪيائون ۽ (هر طرح جي مصيبتن ۾) صبر ڪري ثابت قدم رهيا تن جي لاءِ بيشڪ تنهنجو پروردگار انهن عملن بعد ضرور بخشيندڙ ۽ رحمت ڪندڙ ٿيندو.

## رڪوع 15

**توبه هي آهي ته گناهه ڦٽي ڪري پاڻ ڪي سڌارجي، پوءِ بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ آهي.**

يَوْمَ تَاْتِيْ كُلُّ نَفْسٍ تُجَادِلُ عَنْ نَّفْسِهَا وَ
تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۱۱۱﴾

(١١١) انهيءَ (قيامت جي) ڏينهن هرهڪ نفس (يعني شخص) فقط پنهنجي لاءِ سوال جواب ڪندو ايندو (يعني ڪنهن کي به ڪنهن ٻئي جو فڪر ڪونه هوندو) انهيءَ ڏينهن هرهڪ شخص کي سندس عملن جو پورو پورو نتيجو ملي ويندو. ڪنهن سان به بي انصافي ڪانه ٿيندي.

وَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا قَرْيَةً كَانَتْ اٰمِنَةً
مُّطْمَئِنَّةً يَّاْتِيْهَا رِزْقُهَا رَغَدًا مِّنْ كُلِّ مَكَانٍ
فَكَفَرَتْ بِاَنْعُمِ اللّٰهِ فَاَذَاقَهَا اللّٰهُ لِبَاسَ
الْجُوْعِ وَ الْخَوْفِ بِمَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ ﴿۱۱۲﴾

(١١٢) (۽ ڏسو) الله تعاليٰ هڪڙو مثال ٿو ٻڌائي، هڪ بستي هئي جتي هر طرح جو امن آرام هو. هر طرف کان رزق جو سامان ايندو رهندو هو ۽ هر شخص فراغت سان کائيندو پيئندو هو. پر پوءِ ڇا ٿيو جو هنن الله تعاليٰ جي نعمتن جي بي شڪري ڪئي. پوءِ الله تعاليٰ به سندن (بد) عملن جي عيوض هنن کي نعمتن کان محروم ڪري ڇڏيو ۽ (آسودگي جي بدران) بک ۽ (امن آرام جي بدران) خوف خطرو مٿن ڇانئجي ويو.

وَ لَقَدْ جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مِّنْهُمْ فَكَذَّبُوْهُ
فَاَخَذَهُمُ الْعَذَابُ وَ هُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿۱۱۳﴾

(١١٣) ۽ پوءِ خود انهن مان ئي هڪ رسول به هنن ڏي موڪليو ويو (جنهن کين سعادت جي راهه جي دعوت ڏني) پر هنن کيس ڪوڙو ٺهرايو. تنهن ڪري هو عذاب ۾ گرفتار ٿيا ۽ هو (پاڻ تي پاڻ) ظلم ڪندڙ هئا.

فَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ۪ وَّ اشْكُرُوْا
نِعْمَتَ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿۱۱۴﴾

(١١٤) پوءِ اوهان کي گهرجي ته جيڪو رزق الله تعاليٰ اوهان کي ڏنو آهي، سو شوق سان کائو. جي حلال ۽ پاڪ شيون آهن ۽ الله جي نعمتن جو شڪر ڪيو، جيڪڏهن توهان سچ پچ سندس ئي ٻانهپ ڪندڙ آهيو.

اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَ الدَّمَ وَ لَحْمَ
الْخِنْزِيْرِ وَ مَآ اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ

(١١٥) جيڪي توهان تي حرام ڪيو ويو آهي، سو فقط هي آهي، مردار جانور، (سير واري) رت، سوئر جو گوشت ۽ اهو جانور جو خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي هستيءَ جي نالي ڪيو وڃي. (يا جنهن کي ذبح ڪرڻ وقت

اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَإِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۱۵﴾

كنهن بئي هستي جو نالو ورتو وڃي.) پوءِ جيڪڏهن ڪو شخص (حلال غذا نہ ملڻ سبب) لاچار ٿئي (۽ ڪا حرام شيءِ کائي)، پر نڪي هو (الله جي حڪم کان) منهن موڙڻ وارو هجي، نڪي (ضرورت جي) حد کان ٻاهر وڃڻ وارو هجي. (فقط جان بچائڻ لاءِ ڪجهہ کائي وٺي) تہ پوءِ الله تعاليٰ بخشڻ وارو ۽ رحمت وارو آهي.

وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَا تَصِفُ اَلْسِنَتُكُمُ الْكَذِبَ هٰذَا حَلٰلٌ وَّهٰذَا حَرَامٌ لِّتَفْتَرُوْا عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُوْنَ ﴿۱۱۶﴾ؕ

(۱۱٦) ۽ هيئن نہ ڪيو جو جيڪا ڪوڙي ڳالهہ توهان جي زبان تي اچي وڃي سا ٺڪ چئي ڏيو (۽ پنهنجي دل مان گهڙي حڪم لڳائي ڇڏيو) تہ هيءَ شيءِ حلال آهي ۽ هيءَ شيءِ حرام آهي. اهڙيءَ طرح حڪم لڳائڻ الله تي ڪوڙ هڻڻ آهي (۽ ياد رکو تہ) جيڪي ماڻهو الله تي ڪوڙو ناهہ مڙهين ٿا سي ڪڏهن بہ فلاح (ڪاميابي) حاصل نہ ڪندا.

مَتَاعٌ قَلِيْلٌ ۠ وَّلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۱۷﴾

(۱۱۷) (اهي هن دنيا جا) بلڪل ٿورڙا فائدا آهن (سي وٺڻا اٿن تہ وٺن) پر آخر هنن تي دردناڪ عذاب اچڻ وارو آهي.

وَعَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا مَا قَصَصْنَا عَلَيْكَ مِنْ قَبْلُ ۚ وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿۱۱۸﴾

(۱۱۸) ۽ (اي پيغمبر!) يهودين تي اسان اهي شيون حرام ڪري ڇڏيون هيون جن جو بيان توکي اڳ ئي ٻڌائي چڪا آهيون ۽ (اهي پابنديون جو هنن تي لڳايون ويون هيون سي سندن ئي گمراهين جو نتيجو هيون) اسان ساڻن بي انصافي ڪانہ ڪئي هئي، (ڇو تہ اسان جو اهو قانون ئي ناهي) پر پاڻ پنهنجي هٿن سان پاڻ تي ظلم ڪندا رهيا.

ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيْنَ عَمِلُوا السُّوْٓءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَاَصْلَحُوْٓا ۙ اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۱۹﴾ؑ

(۱۱۹) پر جيڪي ماڻهو ناداني‌ءَ جي ڪري برائين ۾ پئجي ويا ۽ پوءِ توبهہ ڪري (گناهن کان) موٽي پيا ۽ پنهنجي حالت سڌاريائون تہ پوءِ بيشڪ تنهنجو پروردگار ضرور بخشڻ وارو ۽ رحمت ڪرڻ وارو آهي.

### رڪوع 16

**حضرت ابراهيم جي طريقي تي هلو، هو سڀ واٽون ڦٽي ڪري رڳو خدا جي طرف جهڪي پيو. ماڻهن کي حق جي دعوت ڏيو تہ حڪمت، دانائي ۽ دليلن سان ڏيو. نصيحت ڏيڻ ۾ سهڻو طريقو اختيار ڪيو، جيئن ڪنهن جي دل نہ ڏکوئجي.**

اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ كَانَ اُمَّةً قَانِتًا لِّلّٰهِ حَنِيْفًا ؕ وَلَمْ يَكُ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۱۲۰﴾ۙ

(۱۲۰) بيشڪ حضرت ابراهيم (پنهنجي شخصيت ۾) هڪ پوري امت هو. الله جي اڳيان جهڪيل هو، سيني (بناوٽي) راهن کان هٽي ويل هو ۽ مشرڪن منجهان هرگز نہ هو.

شَاكِرًا لِّاَنْعُمِهٖ ؕ اِجْتَبٰهُ وَهَدٰىهُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۱۲۱﴾

(۱۲۱) هو الله جي نعمتن جو شڪر ڪندڙ هو. الله تعاليٰ کيس بزرگي (۽ پيغمبريءَ) لاءِ چونڊي ڪنيو ۽ (سچائيءَ جي) سڌي واٽ تي لڳائي ڇڏيو.

وَاٰتَيْنٰهُ فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً ؕ وَاِنَّهٗ فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۲۲﴾ؕ

(۱۲۲) اسان کيس دنيا ۾ بہ بهتري ڏني ۽ بلاشبهہ آخرت ۾ بہ صالحين ۾ هوندو.

ثُمَّ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ اَنِ اتَّبِعْ مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ۭ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٢٣﴾

(١٢٣) ۽ پوءِ (اي پيغمبر!) اسان توڏي وحي موڪليو تہ (انهيءَ) ابراهيم جي طريقي جي پيروي ڪر، جو هر ڪنهن (ڏنگي) واٽ ڪان هٽي ويو هو (فقط حق جي واٽ تي هلڻ وارو هو) ۽ هو مشرڪن منجهان نہ هو.

اِنَّمَا جُعِلَ السَّبْتُ عَلَى الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ۭ وَاِنَّ رَبَّكَ لَيَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٢٤﴾

(١٢٤) سبت (آرام وٺڻ ۽ ديول ڏانهن وڃڻ جو ڏينهن) ملهائڻ جو حڪم تہ فقط انهن ماڻهن کي ڏنو ويو هو، جيڪي هن باري ۾ اختلاف ڪندا هئا ۽ بيشڪ تنهنجو پروردگار قيامت جي ڏينهن انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪندو تہ جن جن ڳالهين ۾ هو اختلاف ڪندا هئا تن جي اصل حقيقت ڪهڙي هئي.

اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَالْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَجَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ۭ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿١٢٥﴾

(١٢٥) (اي پيغمبر!) پنهنجي پروردگار جي راهہ ڏانهن ماڻهن کي سڏ، هن طرح جون حڪمت (عقل ۽ دانائي) جون ڳالهيون بيان ڪر ۽ سهڻي نموني سان واعظ ۽ نصيحت ڪر، ۽ جيڪڏهن مخالفن سان بحث ڪرين تہ اهڙي طريقي سان ڪر جو حسن ۽ خوبيءَ جو طريقو هجي. تنهنجو پروردگار ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ ڪير سندس راهہ کان نڪري گمراهہ ٿي ويو آهي ۽ ڪير سڌيءَ ۽ سچي راهہ تي آهي.

وَاِنْ عَاقَبْتُمْ فَعَاقِبُوْا بِمِثْلِ مَا عُوْقِبْتُمْ بِهٖ ۭ وَلَىِٕنْ صَبَرْتُمْ لَهُوَ خَيْرٌ لِّلصّٰبِرِيْنَ ﴿١٢٦﴾

(١٢٦) جيڪڏهن مخالفن جي سختيءَ جي جواب ۾ سختي ڪيو تہ گهرجي تہ اهڙي ۽ اوتري ڪيو جيتري توهان سان ڪئي ويئي آهي. پر جيڪڏهن توهان صبر ڪيو (يعني هنن جي سختي سهو ۽ سختيءَ جي عيوض سختي نہ ڪيو) تہ بيشڪ صبر ڪرڻ وارن لاءِ صبر ئي بهتر آهي.

وَاصْبِرْ وَمَا صَبْرُكَ اِلَّا بِاللّٰهِ وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَلَا تَكُ فِيْ ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُوْنَ ﴿١٢٧﴾

(١٢٧) (اي پيغمبر!) صبر ڪر تنهنجو صبر فقط الله جي مدد جي ڪري توکي حاصل ٿيو آهي. ۽ انهن ماڻهن جي حال تي غم نہ ڪر، نڪي انهن جي (دشمنيءَ جي) تدبيرن جي ڪري دل کي پريشان ڪر.

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّالَّذِيْنَ هُمْ مُّحْسِنُوْنَ ﴿١٢٨﴾ ع

(١٢٨) يقيناً الله تعاليٰ انهن ساڻ (مددگار) آهي، جيڪي پرهيزگار آهن ۽ نيڪيءَ جا ڪم ڪن ٿا.